# بيدل جو اردو ڪلام

اختر درگاهي

# بيدل جو اردو ڪلام

(ڪلام ۽ جائزو)

اختر درگاهي

سچائي اشاعت گهر دڙو

# حق ۽ واسطا قائم

كتاب جو نالو:
بيدل جو اردو ڪلام

ليکڪ:
اختر درگاهي

موضوع:
تحقيق

ڇاپو:
پهريون نومبر 1997ع

ڇپائيندڙ:
شهزاد يوسف
سچائي اشاعت گهر دڙو

ڪمپوزنگ:
ڪونڊر ڪمپيوٽرز
صدف منزل گاڏي کاتو حيدرآباد 783320
پاران
ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
قيمت:
100/= روپيا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

منسوب ڪريان ٿو، درگاهه بيدل ۽ بيڪس جي عقيدت مند ۽ فقير طبيعت رکندڙ

**محترم سائين الاهي بخش شيخ صاحب ڏانهن.**

اختر درگاهي

# شجرو


عبدالقادر شیخ
غلام فرید
فقیر محمد محسن (م ۱۲۵۹ھ)
فقیر قادربخش بیدل (۱۲۳۱ھ - ۱۲۸۹ھ)
فقیر محمد محسن بیکس (۱۲۷۵-۱۲۹۸ھ)
غلام فرید (۱۲۷۷ھ-م ۱۲۸۴ھ)
خدا بخش (صغیرسن فوت)
غلام لطیف
فقیر بیگ محمد (م ۱۲۷۲ھ)
فقیر عبداللہ (۱۲۴۸ھ - ۱۳۰۱ھ)
بیگ محمد (ولادت: ۱۲۹۰ھ-وفات:
غلام نجف
غوث بخش
محمدامین
حسین بخش
امام بخش (م ۱۹۵۲ع)
صاحبڈنو
بیگ محمد (حال حیات ولادت: ۱۹۳۶ع)
غلام نجف (حال حیات)
غلام فرید (حال حیات)
امام بخش (حال حیات)
عبداللہ (حال حیات)
غلام لطیف (۱۲۹۵ھ-۱۳۳۳ھ)
داتا بخش (۱۹۳۴ع)
حیدربخش (م ۱۹۹۱ع)
سبحان بخش (م ۱۹۸۱ع)
مهدي بخش (صغیرسن وصال)
سرداربخش (صغیرسن وصال)
غلام لطیف (ولادت: ۱۹۴۰ع)
عبداللہ (ولادت: ۱۹۴۵ع)
قادربخش (ولادت: ۱۹۸ع)
محمدحسن (ولادت: ۱۹۵۰ع)
واحدبخش (ولادت: ۱۹۵۳ع)

# بيدل فقير جو اردو ڪلام


| | |
|---|---|
| پنهنجي پاران | 6 |
| پيش لفظ | 7 |
| • بيدل جي سوانح عمري | 17 |
| ولادت | 19 |
| وڏن جو احوال | 19 |
| شجرو | 21 |
| تعليم ۽ تربيت | 23 |
| مولوي عبدالرحمان وٽ شرح ملا پڙهڻ | 25 |
| فيض جو ملڻ | 29 |
| تصنيف ۽ تاليف | 32 |
| • بيدل جا صحبتي فقير | 40 |
| ڪرمچند | 41 |
| غلام محمد | 43 |
| قاضي پير محمد | 48 |
| حاڪمن ڪان بيرازي | 53 |
| فقير بيدل جي اولاد | 54 |
| فقير بيدل جو وصال | 57 |
| • تاريخي ۽ سياسي پس منظر | 59 |
| • بيدل جي اردو ڪلام جو جائزو | 75 |
| • بيدل جو اردو ڪلام | 105 |

# پنهنجي پاران

”بيدل فقير جو اردو ڪلام“ جيڪو منهنجي مانواري دوست اختر درگاهيءَ ترتيب ڏنو آهي، سو پهريون ڀيرو ڪتابي صورت ۾ ڇپجي رهيو آهي، هن کان اڳ بيدل جو سنڌي ڪلام ”ديوان بيدل“ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ وارن شايع ڪرايو آهي.

بيدل جي هيءَ شاعري اسان جي ڪلاسيڪل ورثي ۽ تاريخ جو هڪ حصو آهي، جيڪا هن کان گهڻو اڳ تحقيق جي روشني مان نڪري، پڙهندڙ هٿن تائين پهچڻ کپي ها ، پر بهرحال اهو ڪم نہ ٿي سگهيو، جنهن جو افسوس ۽ ماتم ڪرڻ اجايو آهي، جو پاڻ کي پنهنجا حال سارياپيا آهن.

هن ڪتاب جو مرتب ڪندڙ دوست اختر درگاهي، هڪ سٺو شاعر ۽ راڳي آهي. سندس اڳ ۾ بہ بہ ٽي ڪتاب ڇپيل آهن. سندس هي ڪم جيڪو تحقيقي آهي، ڪيس محققن سان گڏ بيهاري ٿو ۽ اميد ٿي ڪجي تہ ان ڪم کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ۽ پسند ڪيو ويندو.

مونکي هي ڪتاب ڇپائيندي بيحد خوشيءَ جو احساس ٿي رهيو آهي.

يوسف سنڌي

# پيش لفظ

فقير قادربخش بيدل، سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب ۽ تاريخ جو اهم نالو آهي. هو هڪ باڪمال شاعر، وڏو عالم ۽ اعليٰ پائي جو مفڪر ۽ صوفي سرواڻ ٿي گذريو آهي. هن جو ڪلام شاهه لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ سنڌ ۽ هند ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو، توڙي جو ان وچ ۾ سامي، دلپت، روحل، مراد فقير ۽ ٻيا اهم شاعر پنهنجو وارو وڄائي چڪا هئا.

فقير قادربخش بيدل جي شخصيت سنڌ جي فڪري ۽ ادبي تاريخ ۾ گهڻ پاسائين ۽ نرالي آهي. هو سنڌي، اردو، سرائڪي، فارسي ۽ عربي ٻولين جو شاعر، نثرنويس ۽ وقت جو جيد عالم پڻ هيو. هو هڪ ئي وقت قرآن، حديث، فقه اجتهاد وغيره جو وڏو ڄاڻو هو. پر ان سان گڏوگڏ هن جو تاريخ ۽ ادب، خاص طور تي ڏيهي توڙي پرڏيهي شاعريءَ تي گهرو مطالعو ڪيل هو ۽ ان تي پورو پورو عبور حاصل هوس. فقير قادربخش بيدل برصغير جي موسيقيءَ جو وڏو ماهر هو. (١) اهو ئي سبب آهي جو هن پنهنجي سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين جي مجموعي کي نالو ڏنو "سرودنامو". فقير بيدل جو اهو ڪلام موسيقيءَ جي ارڙهن راڳن جهڙوڪ، بسنت، بروو، بلاولي، سورٺ، جهنگلو، ڌناسري، آسا، سسئي، ديسي سارنگ، پورب، وهڱ، جوڳ، نٽ ڪلياڻ، گنئوري، ڪامول، مالڪوس ۽ سهڻي تي رٽيل آهي. انهن مان ڏهه راڳ تہ هندستاني ڪلاسيڪي موسيقيءَ جا اهم ۽ شڌ راڳ آهن ۽ فقير بيدل، شاهه لطيف کان پوءِ سنڌ جي انهن اهم شاعرن مان هڪ آهي، جنهن ايترن راڳن جي بنياد تي ڪلام چيو، ايتريقدر جو هن جي هرهڪ "ڪافي" ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص راڳ جي بنياد تي چيل آهي.

فقير قادربخش بيدل جي علم جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي

(١) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکيو آهي تہ بيدل راڳ ڳائيندو ۽ ٻڌندو هو ڪيترائي راڳيندڙ وٽس ايندا هئا. (-ڏسو ماهوار سنڌو مئي 1937ع)

سگهجي ٿو، جو هن پنهنجي ۵۹ سالن جي حياتيءَ ۾ تصوف جي موضوعن تي پورا ۳۰ ننڍا ۽ وڏا ڪتاب تصنيف ڪيا. جن مان پورا ۲۰ ڪتاب سندس شاعريءَ جا آهن، انهن مان بہ وري گهڻو تعداد سندس فارسي/ شاعري جو آهي.

فقير بيدل، سنڌ ۾ سچل سرمست کان پوءِ تصوف جي وحدت الوجودي فڪر جو مکيہ اڳواڻ ۽ پرچارڪ پڻ هو. سنڌ جي هن بيباڪ صوفي سرواڻ پنهنجي فڪر ۽ ڪلام وسيلي ان دور جي دقيانوسي سوچن ۽ روايتن کي نہ صرف رد ڪري ڇڏيو، پر هن انتها پسند مذهبي مبلغن سان آمهون سامهون بحث مباحثا ۽ مناظرا ڪري انهن جا تڏا ويڙهايا. نتيجي طور مسلمانن توڙي هندن جو هڪ وڏو انگ سندس مريدن ۽ ساٿارين ۾ شامل ٿي ويو ۽ وقت جو هي منصور مذهبي ڪٽرپڻي، فرقيبندي ۽ ذات پات جي اوچ نيچ خلاف ۽ انسان جي عالمي وحدت، عظمت، امن ۽ محبت لاءِ هڪ تحريڪ بڻجي اڀريو.

سنڌ جي هن باڪمال صوفي شاعر جي ڪلام جي پورن ويهن (۲۰) ڪتابن منجهان هيل تائين مڪمل طور تي صرف هڪ ڪتاب (سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جو مجموعو) منظر عام تي اچي سگهيو آهي. جنهن کي آخري پيرو مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي (وفات ۱۹٦۷ع) سهيڙيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ پاران پهريون ڀيرو ۱۹۵۴ع ۾ "ديوان بيدل" جي نالي سان شايع ڪيو ويو. ان کان اڳ فقير بيدل جي انهيءَ ڪلام کي آنجهاني گدومل هرجاڻي ۴۱-۱۹۴۰ع ۾ "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرودنامو" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ ڇپرايو هو. عبدالحسين شاهہ موسوي پنهنجي تاليف "ديوان بيدل" ۾ بيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين جي آخر ۾، هن جي فارسي، عربي ۽ اردو ڪلام کي پڻ نموني طور تي ڏنو آهي، پر فقير بيدل جو مڪمل اردو ۽ فارسي ڪلام منظرعام تي اچي نہ سگهيو. نتيجي طور هن جي شخصيت ۽ فڪر جا ڪيترائي اهم نقطا ۽ راز ظاهر ٿيڻ کان

رهجي ويا. جيئن تہ مان عربي ۽ فارسي ٻولين کان اڻواقف هوس، تنهن ڪري مون کي اها خواهش ٿي تہ فقير بيدل جي اردو ڪلام کي منظر عام تي آڻجي. ڇاڪاڻ تہ هن پنهجي شاعريءَ جي شروعات ئي اردو ڪلام سان ڪئي آهي ۽ ان کان سواءِ منهنجي دلچسپي بيدل جي اردو ڪلام ۾ انڪري بہ وڌي ويئي جو اتر سنڌ جي هن صوفي شاعر کي اردو ٻوليءَ جي برک محققن ۽ نقادن پنهنجي دور ۾ صوفي مت جو باڪمال اردو شاعر ۽ سنڌ جو پهريون صاحب طرز اردو شاعر لکيو آهي. (١)

مون فقير قادربخش بيدل جي اردو ڪلام کي سهيڙڻ لاءِ سڀ کان پهريان هن جي ڪلام جي اڳ شايع ٿيل ڪتابن ۽ تذڪرن کي اٿلايو. گدومل هرجاڻي پنهنجي تاليف "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري" ۾ بيدل جي اردو ڪلام جي نموني طور هن جا ٻہ غزل، هڪ هوري، هڪ منقبت ۽ هڪ ڪافي ڏني آهي. مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي پنهنجي ڪتاب "ديوان بيدل" جي آخر ۾ بيدل جا ٩ غزل اردو، چار هندي سلوڪ ۽ هڪ منقبت ڏني آهي، جڏهن تہ فقير بيدل جون چار هندي/ اردو ڪافيون ۽ هڪ اردو غزل هن جي سرائڪي ڪافين واري حصي ۾ شامل ڪري ويو آهي. مرحوم گل محمد انصاري (وفات مئي ١٩٩١ع) پنهنجي تاليف "ڪلام بيدل" ۾ فقير بيدل جا ١٣ اردو غزل ڏنا آهن، جن مان وري اڪثر غزلن جي صرف ٻن ٻن مصراعن کي شامل ڪري "رباعين" جي شڪل ۾ پيش ڪيو آهي. ان لحاظ کان مون ڏٺو تہ فقير بيدل جي اڳ ڇپيل ڪتابن ۾ هن جو اردو ڪلام بلڪل ٿورو آيل آهي. مون بيدل جي اڻڇپيل اردو ڪلام جي ڳولا شروع ڪئي. خوشقسمتيءَ سان مون کي پنهنجي نوجوان دوست ۽ روهڙيءَ جي موسوي خاندان جي چشم و چراغ محترم سيد عبدالحسين شاهہ موسوي ثانيءَ وٽان، فقير قادربخش بيدل جي صحبتي فقير قاضي پير محمد جي فرزند قاضي غلام مهدي (وفات اٽڪل

---

(١) ڏسو اسلاميا ڪاليج سکر جي مئگزين 86-1985ع ۾ ڊاڪٽر سردار احمد جو مضمون

۱۹۳۳ع) جي هٿ اکرن ۾ لکيل فقير بيدل جي فارسي ۽ اردو ڪلام جو ناياب قلمي نسخو ملي ويو. هتي آئون پڙهندڙن جي معلومات لاءِ نسخي جي ڪاتب قاضي غلام مهديءَ جو احوال ۽ نسخي جو تعارف پيش ڪريان ٿو.

## قاضي غلام مهديءَ جو احوال

قاضي غلام مهدي، فقير بيدل جي مجازي محبوب ۽ طالب فقير قاضي پير محمد جو ٽيون نمبر فرزند هيو. سندس ولادت ۱۲۷٦هجريءَ مطابق ۱۸۵۹ع ۾ روهڙيءَ ۾ ٿي. فقير بيدل، قاضي غلام مهديءَ جي ولادت پارسي شعر ۾ هن طرح ڪڍي آهي.

تاريخ تولد برخور دار (قاضي غلام مهدي)

(۱۲۷٦هه)

شب سه شنبه و ياز دهم ربيع الآخر
غلام مهدي مولود شد بلطف کريم
هزار دوصد هنقدشس، زهجري بود
کم با حدوث بيا يخت سرذات قديم
مقد رش زحوادث زمان مصون دارد
بحق ائما اثنا عشر بغوث عظيم
غلام مهدي صاحب زمانم.

قاضي پير محمد جڏهن ۱۲۸۵هجريءَ ۾ وفات ڪئي، تڏهن قاضي غلام مهديءَ جي عمر ۹ سال هئي. فقير بيدل جو ناتو جيئن ته قاضي پير محمد سان تمام ويجهڙائي وارو هو، ان ڪري ان جا فرزند جيڪي سيئي عمرين جا ايجان ننڍا ها، سندس (بيدل جي) سار سنڀال هيٺ آيا. اهڙي طرح قاضي غلام مهدي، وقت جي برک عالم ۽ صوفي، فقير قادربخش بيدل جي نه صرف سار سنڀال هيٺ آيو، پر هن جي تعليم تربيت به فقير بيدل جي فڪري اسڪول ۾ ٿي. قاضي غلام

مهدي پورا چار سال فقير بيدل وٽ پڙهيو. گدومل هرجاڻيءَ، قاضي غلام مهديءَ جي پنهنجي زباني واقعيو لکيو آهي تہ" هڪ دفعي هڪ عربيءَ جو ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ ٻيو ڪتاب اغباس عربي پڙهڻو هوم، مگر اهو ڪتاب ساري شهر مان نہ لڌو، ڇو تہ انهيءَ وقت ڇاپي جو ايترو واهپو ڪونہ هو ۽ اڪثر ڪري دستخط لکيل ڪتاب ملندا ها، مگر زماني جي بدلجڻ ڪري عربيءَ جو رواج نڪري ويو هو ۽ دستخط ڪتاب بہ عدم پيدا ها. لاچار فرمايائون تہ ابا! جيڪڏهن ڪتاب ڪونہ ٿو لڀي تہ فڪر ناهي، اسان ٿا لکي وٺون، پوءِ يڪدم پنا گهرائي سارو ڪتاب لکي ڏنائون جو اڃا مون (غلام مهديءَ) وٽ محفوظ آهي. ٻي وقت ميزان طب پڙهندو هوس، ان جي لغت مونکي لکي ڏنائون جا بہ اٿم"(١) مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي، جيڪو پاڻ بہ غلام مهدي قاضيءَ وٽ پڙهيو هو، ان بہ مٿيون بيان پنهنجي ڪتاب "ديوان بيدل" ۾ نقل ڪيو آهي.

فقير قادربخش بيدل، جڏهن ١٢٨٩ هجريءَ ۾ وفات ڪئي، تڏهن قاضي غلام مهديءَ جي عمر ١٣ سال هئي. هو فقير بيدل جي پوئين حياتيءَ ۾ ساڻس گڏ رهيو ۽ سندس شخصيت جو ويجهو مشاهدو ماڻيو. گدومل هرجاڻي، توڙي سيد عبدالحسين شاهہ موسوي پنهنجي تصنيفن ۾ فقير بيدل جو گهڻو احوال قاضي غلام مهديءَ جي زباني نقل ڪيو آهي. قاضي غلام مهدي جيئن تہ پنهنجي سانير جا پورا ست سال فقير بيدل جي صحبت ۾ گهاريا، ان لحاظ کان سندس ڏنل احوال مستند سمجهڻ گهرجي، پر افسوس جو اڳين تذڪره نويسن قاضي غلام مهديءَ کان فقير بيدل جي سوانح عمريءَ بابت ڪو اهم ۽ تفصيلي احوال نہ ورتو، جيڪو ڪين ونڻ ڪپندو هو. مثال طور قاضي صاحب فقير بيدل جي خاندان، شجري ۽ سندس بنيادي تعليم تربيت ۽ سندس درسي استادن متعلق بهتر معلومات ڏئي پئي سگهيو. قاضي غلام مهديءَ جي زندگيءَ جو بہ ڪو تفصيلي احوال ميسر ٿي نہ سگهو آهي.

---

(١) گدومل هرجاڻي: ڪتاب "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري" (1940ع)

البتہ سندس ٿورو تذڪرو ڪيو ويو آهي. تجمل ڪاهوڙي، ماهوار شريعت ۾ ڇپيل هڪ مضمون ”روهڙيءَ جا اڻ ڄاتل شاعر“ ۾ ڄاڻايو آهي تہ ”قاضي غلام مهدي شروع ۾ پرائمري ماستر هو، پوءِ هيڊ ماستر ٿيو، ١٩٠٨ع ڌاري پير ڳوٺ اسڪول ۾ هيڊماستر هو. ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف، گڏوگڏ شعر ۾ بہ طبع آزمائي ڪيائين. حضرت بيدل جي سوانح متعلق هڪ ڪتاب لکيائين“ ٻي پاسي اها بہ خبر پوي ٿي تہ قاضي صاحب ١٨٩٣ع ۾ رهڙڪي (ميرپور ماٿيلو) ۾ بہ ماستر رهيو، ڇو تہ قاضي غلام مهدي پنهنجي هٿ اکرين لکيل، فقير بيدل جي ڪتاب مثنوي ”نهرالبحر“ جو هن طرح اختتام ڪيو آهي.

تمت هذه النسخة المسماة بنهرالبحر تحرير تاريخ دهم ربيع الاول ١٣١١هہ مطابق ١٨٩٣ع براي تفريح طبع محبت افزائي منشي سلامت راءِ الله شوقہ ازيد خادم الفقراء قاضي غلام مهدي ماستر رهڙڪي اتمام و صورت ارقام پذير رفت.“

قاضي غلام مهدي جيئن تہ فقير بيدل جهڙي اعليٰ پائي جي عالم ۽ عارف وٽ پڙهيو هو، تنهن ڪري پاڻ بہ عربي، فارسي جو وڏو عالم بڻيو. هو خوشنويس پڻ هو ۽ ڪيترائي فقير بيدل ۽ ٻين عارفن جي ڪلام جا قلمي نسخا نقل ڪيائين. جن مان ڪجهہ راقم الحروف جي نظرن مان پڻ گذريا آهن. قاضي غلام مهدي نہ صرف اهم ڪتابن جو ڪاتب رهيو پر ساڳئي وقت هن پڻ بہ ڪافي تصنيفون ڇڏيون آهن. سندس هڪ اعليٰ قلمي تصنيف نالي انيس المساڪين (راحت الساڪين) جو تفصيلي ذڪر سنڌ جي برک عالم ۽ محقق سيد حسام الدين شاهہ راشدي پنهنجي مضمونن جي هڪ سلسلي ”شاهہ عنايت شهيد جي سوانح جا ماخذ“ (مطبوعہ نئين زندگي اپريل ١٩٥٧ع کان آگسٽ ١٩٦٣ع) ۾ ڪيو آهي.

مضمون جي آخر ۾ حسام الدين شاهہ راشدي، ڪتاب بابت پنهنجا مختصر ويچار پڻ پيش ڪيا آهن. قاضي غلام مهدي جي لکيل

متين ڪتاب جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ قاضي صاحب ڪي سنڌ جي صوفي تحريڪ خاص طور تي شاهہ عنايت جي شهادت جي تاريخي پسمنظر جي پليءَ پيت چاڻ هئي. ان ڪانسواءِ ان مان سندس علمي قابليت جو پڻ پتو پوي ٿو.

قاضي غلام مهدي ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي دفن ٿو، ان جي صحيح ڄاڻ پئجي نہ سگهي آهي. گمان آهي تہ هن ١٩٣٣ع جي شروعاتي مهينن ۾ وفات ڪئي هوندي. ڇاڪاڻ تہ هن پنهنجي تصنيف "انيس المساڪين" مئي ١٩٣٢ع ۾ لکي پوري ڪئي آهي. ان سان ١٩٣٢ع تائين هن جي حال حيات هجڻ جي پڪ ٿئي ٿي. پير پاسي حسام الدين شاهہ راشدي پنهنجي هڪ ٻئي مضمون (جيڪو سيپٽمبر ١٩٣٣ع ۾ ڇپيو) ڄاڻايو آهي تہ قاضي پير محمد جا پوٽا ميان غلام علي، غلام نبي ۽ غلام مصطفيٰ اڄ تائين جيئرا آهن. راشدي صاحب جو جيئن تہ فقير بيدل جي تصنيفن کي ڏسڻ لاءِ مذڪوره قاضي خاندان وٽ روهڙيءَ ۾ وڃڻ ٿيو هو، تنهن ڪري انهن ڏينهن ۾ جيڪڏهن قاضي غلام مهدي جيئرو هجي ها تہ راشدي صاحب ان جو ذڪر ضرور ڪري ها.

### نسخي جو تعارف:

قاضي غلام مهدي جو لکيل فقير بيدل جي اردو ڪلام جو قلمي نسخو هڪ اهڙي ضخيم قلمي بياض جو حصو آهي. جيڪو پورن ٢٩٧ ورقن يعني ٥٩٤ صفحن تي مشتمل آهي. بياض قاضي صاحب ۽ روهڙيءَ جي هڪ ٻي عالم ۽ شاعر آخوند فيض محمد (وفات اٽڪل ١٩٠٣ع) جي هٿ اکرن ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ سچل سرمست، بيدل، بيڪس، نانڪ يوسف، شاهہ تراب، شاهہ عنايت، بُلا شاهہ، اڪبر شاهہ، جانشاهہ عاشق، عثمان مروندي، ڪبير ڀڳت، تلسي داس، دريا خان، شاهہ قلندر، عبدالله فقير شاهہ حسين ۽ ڪجهہ نامعلوم شاعرن

جو ڪلام شامل آهي. جيڪو اردو، سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ٻولين ۾ آهي. مذڪوره ناياب قلمي بياض جي ترتيب هن ريت آهي.

● ورق نمبر ۴ کان ۴۰ تائين:

سچل سرمست، بيڪس، نانڪ يوسف، روحل ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام، ڪاتب: آخوند فيض محمد

● ورق نمبر ۴۱ کان ۱۷۳ تائين:

بيدل جو ديوان مصباح الطريقت ۽ اردو غزل، ڪاتب: قاضي غلام مهدي.

● ورق نمبر ۱۷۴ کان ۲۵۸ تائين:

بيدل جا فارسي غزل ۽ رباعيون، ڪاتب، قاضي غلام مهدي.

بيدل جا پارسي غزل ۽ رباعيون، ڪاتب: آخوند فيض محمد

شاهہ تُراب جو ڪلام. ڪاتب: آخوند فيض محمد

بيدل جو پارسي ڪلام / غزل ڪاتب: آخوند فيض محمد

بيدل جو ظهور نامو درتصوف، ڪاتب: آخوند فيض محمد.

ان ڪانسواءِ سچل سرمست، بيڪس، اميد علي شاهہ، نانڪ يوسف، اصغر بُلا شاهہ، نظر علي جو گڏيل ڪلام.

● ورق نمبر ۲۵۹ کان ۲۷۲ تائين:

بيدل جي مثنوي نهرالبحر، ڪاتب: قاضي غلام مهدي.

● ورق نمبر ۲۷۳ کان ۲۹۷ تائين:

شاهہ تُراب جي مثنوي، ڪاتب: آخوند فيض محمد.

ان کان سواءِ سچل، بيڪس، بيدل، نانڪ يوسف، بُلا شاهہ، صاحبڏنو، اميد علي، عبدالله، جو گڏيل ڪلام.

مذڪوره گڏيل بياض مان، فقير بيدل جي پارسي ديوان مصباح الطريقت ۽ ادو غزلن وارو حصو، جيڪو ورق نمبر ۴۱ کان ۱۷۳ تائين آهي، نوجوان دوست عبدالحسين شاهہ موسوي ثاني الڳ ڪرائي نئين سر جلد ڪرايو ۽ راقم الحروف ڪي مطالعي لاءِ ڏنو. نسخو قاضي غلام

مهديءَ، فقير بيدل جي وفات کان ٢١ سال پوءِ، سن ١٣١٠ هجري مطابق ١٨٩٣ع ۾ منشي سلامت راءِ روهڙيءَ واري جي مطالعي لاءِ لکي پورو ڪيو. نسخي جي پني جي سائيز 6.5 x 8.0 آهي ۽ ڪلام جي انهيءَ حصي جا ڪل ورق ١٣٣ ۽ صفحا ٢٦٦ ٻٽجن ٿا. نسخو جيئن ته ١٠٣ سال اڳ جو لکيل آهي، تنهن ڪري ڪافي ڪمزور ٿي چڪو آهي. البت نسخو پنهنجي اصلي شڪل ۾ آهي ۽ منجهس ڪلام صاف پڙهڻ ۾ اچي ٿو. قاضي غلام مهديءَ جي خوبصورت خطاطيءَ ۾ ڪاري مس سان لکيل ديوان مصباح الطريقت جي غزلن جا مقطع ڳاڙهي مس سان لکيل آهن. نسخي جي لکڻي مٿان کان هيٺ ۾ سڌي آهي. هر صفحي تي سورهن سٽون لکيل آهن، ان حساب سان هر صفحي تي ٻه غزل اچيو وڃن. نسخي جي پهرين حصي ۾ بيدل جو "مصباح الطريقت" پارسي ديوان آهي. جنهن ۾ غزل، رباعيون، قطعا ۽ قصيده شامل آهن، جڏهن ته ٻي حصي ۾ سندس اردو ڪلام ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ٦٠ غزل، رباعيون ۽ قطعا شامل آهن. آخر ۾ وري بيدل جو پارسي ڪلام ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ هن جا مخمس ۽ مسدس شامل آهن. نسخي جي پهرين صفحي تي ديوان مصباح الطريقت جي پهرين غزل جو مطلع هن طرح آهي.

الاهي مطلع انوار وحدت ساز جانم را
ز ظلمتهائي ڪثرت رستگاري ره روانم را

نسخي جي پڇاڙي قاضي غلام مهدي هن طرح ڪئي آهي.
"تمت بالخير ديوان مصباح الطريقت تصنيف جناب رشد مآب دستگير، دامن گرفتگان، حضرت فقير صاحب فقير عبدالقادر صاحب قدس الله سره تحرير تاريخ بيت و هفتم ماه ذي حج سنہ ١٣١٠ هجري مطابق يا ردهم جولاءِ ١٨٩٣ع، ازيد خادم الفقراء قاضي غلام مهدي خلف مرحوم قاضي پير محمد براءِ مطالع منشي سلامت راءِ."

مون مذڪوره نسخي ۾ شامل فقير بيدل جي اردو ڪلام کي، بيدل جي ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل نسخن ۽ بياضن سان ڀيٽائي ان جو مڪمل متن تيار ڪيو. جيڪو اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب جي پهرين حصي ۾ فقير بيدل جا سمورا اردو غزل ڏنل آهن، جيڪي گهڻي قدر رديف وار آهن، جڏهن ته ٻي حصي ۾ سندس اردو / هندي

ڪافيون، سلوڪ، شبد، منقبت، رباعيون ۽ قطعا شامل آهن. اهڙي ريت هن ڪتاب ۾ بيدل جي سموري اردو ڪلام کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. گدومل هرجاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”وحدت نامہ“ (مطبوعہ ۱۹۴۳ع) ۾ فقير بيدل جي اردو وحدت نامي (بيتن جو مجموعو) جو ذڪر ڪيو آهي. راقم الحروف کي جيئن تہ ڪافي ڪوشش ڪان پوءِ بہ بيدل جو مذڪوره اردو وحدت نامو ميسر ٿي نہ سگهيو، تنهنڪري مجبوراً هن ۾ شامل ڪري نہ سگهيو آهيان.

فقير قادربخش بيدل جي هن ڪلام کي پرکڻ ۽ ان جي پيغام کي روشناس ڪرائڻ هڪ وڏي عالم ۽ اديب جو ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ هن جو ڪلام تصوف جي موضوعن، ان جي رمزن، اشارن، اسرارن ۽ اصطلاحن سان ٽمٽار آهي. پر جيئن تہ منهنجو شوق ۽ مقصد بہ في الحال سندس اردو ڪلام کي منظر عام تي آڻڻ هو سو هيءَ نمائي ڪوشش اوهان آڏو رکي اٿم.

مان ٿورائتو آهيان، سنڌ جي برک عالم ۽ اديب سائين تنوير عباسيءَ جو جنهن هن نيڪ ڪم ۾ منهنجي همت افزائي ۽ رهنمائي ڪئي. درگاهہ بيدل ۽ بيڪس روهڙيءَ جي سجاده نشين فقير بيگ محمد قريشي جو پڻ شڪريو ادا ٿو ڪريان، جنهن پڻ بيدل سائين جي اردو ڪلام جو هڪ قلمي نسخو پيٽائڻ لاءِ ڏنو. تمام گهڻا احسان نوجوان دوست عبدالحسين شاهہ موسوي ثانيءَ جا جنهن بيدل سائينءَ جي اردو ڪلام جو ناياب قلمي نسخو ۽ ٻيو مواد پڻ عطا ڪيو.

پنهنجي محترم دوست نوشاد علي جعفريءَ جي بہ مهرباني جنهن هن ڪتاب متعلق مونکي مفيد مشوار ڏنا ۽ ڪلام کي پيٽائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

ڪتاب کي خوبصورت نموني ڇپرائڻ ۽ انکي منظر عام تي آڻڻ جو سَهرو سنڌ جي نامياري اديب، جاکوڙي انسان ۽ منهنجي محترم دوست يوسف سنڌي جي سِر تي آهي، جنهن جي ڏينهن رات جي محنت ۽ ڪاوش سان هي ڪم سرانجام ٿي سگهيو.

**اختر درگاهي**

**نزد ميمڻ محلو روهڙي سنڌ**

# 1 . بيدل جي سوانح عمري

# بيدل جي سوانح عمري

### ولادت:

فقير قادربخش بيدل، سن ١٨١٥ع مطابق ١٢٣١ هجريءِ ۾، فقير محمد محسن قريشي جي گهر روهڙيءِ ۾ تولد ٿيو. سندس فرزند فقير بيكس، هن جي ولادت جي تاريخ هن طرح ڪڍي آهي.

زغيب آمده روضة العارفين
بگفتم: گلي راحت العاشقين
١٢٣١هجري

جمڻ وقت سندس نالو "عبدالقادر" رکيو ويو، پر جڏهن سانير کي پهتو، تڏهن حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رح جي عقيدت منديءَ سبب پاڻ کي "قادربخش" سڏائڻ لڳو. اڳتي هلي سندس تصنيفن ۾ ٻنهي نالن جو استعمال ٿيل آهي. فقير قادربخش بيدل ڄمڻ کان ئي هڪ پير کان ضعيف هو.

### وڏن جو احوال

فقير قادربخش بيدل جو والد فقير محمد محسن هڪ درويش صفت شخص هو ۽ اڪثر وقت رياضت ۽ عبادت ۾ گذرندو هوس، پاڻ پنهنجي سئوٽ فقير بيگ محمد سان گڏ ٻاڳناڙيءَ جي سيد عبدالوهاب شاهه جيلاني، جو دست بيعت مريد ٿيو هو. تن ڏينهن ۾ سيد عبدالوهاب شاهه جيلاني ٻاڳناڙيءَ کان پنهنجي مرشد جي وصيت موجب روهڙي ۾ درگاهه مير جان الله شاهه رضوي جي گادي نشين مير فتح علي شاهه کي روحاني فيض / امانت ڏيڻ آيو هو. (١) اها امانت ۽ روحاني فيض سيد فتح علي شاهه نه ورتو. پر سندس ننڍيءَ ڀاءُ مير جان الله شاهه دوئم اها امانت ورتي ۽ سيد عبدالوهاب شاهه جو دست

بيعت مريد ٿيو. انهيءَ ئي موقعي تي فقير بيدل جو والد فقير محمد محسن ۽ ان جو سئوٽ فقير بيگ محمد ٻه سيد عبدالوهاب شاهه جا مريد ٿيا. سيد عبدالوهاب شاهه جيلاني اٽڪل ٽي سال روهڙيءَ ۾ رهي جڏهن واپس اُسهڻ لڳو، تڏهن فقير محمد محسن ۽ سندس سئوٽ فقير بيگ محمد جي ٻانهن مير جان الله شاهه رضوي دوئم جي حوالي ڪئي ۽ کين ان جي خلافت ۾ شامل ڪيو.(٢)هي ٻئي درويش سئوٽ آخري عمر تائين مير جان الله شاهه دوئم جي خدمت ۾ رهيا. فقير محمد محسن (بيدل جي والد) جي وفات ١٢٥٩ هجري مطابق ١٨٤٣ع ۾ ۽ فقير بيگ محمد جي وفات ١٢٧٢ هجري مطابق ١٨٥٦ع ۾ ٿي (٣)

سندن مزارون پنهنجي مرشد مير جان الله شاهه رضوي دوئم جي پيرانديءَ کان آهن، جن تي هيٺيان ڪتبا لڳل آهن.

| ٧٨٦ | ٧٨٦ |
|---|---|
| فقير محمد محسن | فقير بيگ محمد |
| بن محمد فريد بن عبدالقادر | بن غلام لطيف بن عبدالقادر |
| قريشي صديقي ملتاني | قريشي صديقي ملتاني |
| والد فقير عبدالقادر عرف قادربخش | والد فقير عبدالله قدس سره ۽ |
| تخلص بيدل | خليفه سير جان الله شاهه وچون |
| تاريخ رحلت ١٢٥٩ هجري. | تاريخ رحلت ١٢٧٢ هجري. |

فقير قادربخش بيدل، پنهنجي والد جي وفات وقت ٢٩ سالن جو هو. بولچند راجپال پنهنجي تاليف "بيدل جو سنڌي ڪلام (مطبوعا ١٩٥٠ع ) ۾ ڄاڻايو آهي ته فقير بيدل جو والد فقير محمد محسن شاعر پڻ هو. هن صاحب فقير محمد محسن جي لکيل هڪ منقبت پڻ ڏني آهي، پر فقير محمد محسن جو وڌيڪ ڪلام دستياب ٿي نه سگهيو آهي. هتي فقير محمد محسن جي لکيل قلندر شهباز جي شان ۾ اها

منقبت پيش ڪجي ٿي.

شــاهہ مـنـهـنـجي واهــ ڪـر ڪـا، واسطـي الله جي
ڪــرنمــائــيءَ تــي نــظــر نــالــي نــبــي الله جي

شــاهہ عــالــيـجاهہ تـون شــهــبـاز نـوري نـامــور
اي يـتــيــمـن جا اَجهـا تـون بـادشــاهہ بـحــروبر

خانــدان مــصـطـفـيٰ جو تـون گــرامـي آهـين گــهــر
توتي آهي منهنجي سڀ لڄ، مون سين لائق لطف ڪر

شـاهہ تـون منـهـنجو وسـيلو آنـهہ دولـهہ دمـبـدم
حـال منـهـنجي تـي حـسـيني نانءُ رب جي ڪر ڪـرم

شــاهہ ڏي تــون شـــادمـــانـا دفـع ڪــر دردو الـم
جنهن کي تو جهڙو وسيلو تنهن کي غازي ڪهڙو غم.

بولچند راجپال اهو ڪونہ ڄاڻايو آهي تہ اها منقبت هن کي ڪٿان ملي.

## شجرو

فقير قادربخش بيدل جي سوانح نگارن گدومل هرجاڻي، عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ ٻين، فقير بيدل جي وڏن جي احوال طور صرف هن جي والد فقير محمد محسن ۽ چاچي فقير بيگ محمد جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن کان مٿي ڪوبہ شجرو نہ ڄاڻايو آهي. صرف ايترو لکيو ويو آهي تہ فقير بيدل پشت بہ پشت اصل رهاڪو روهڙيءَ جا ها ۽ تسر جي اُٽڻ جو ڪم ڪندا ها. مرحوم موسوي صاحب تہ ايترو بہ لکي ويو آهي تہ سندن بنياد جي صحيح خبر پئجي نہ سگهي آهي. (۴) موسوي صاحب جهڙي اديب جو بيدل جي شجري متعلق خاموش رهڻ تعجب جهڙي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ موسوي صاحب نہ

صرف "ديوان بيدل" جي تاليف دوران درگاهہ بيدل جي گادي نشين ۽ وقت جي برک درويشن، عالمن ۽ اديبن سان لهہ وچڙ ۾ رهيو هو. پر ان سان گڏوگڏ هن روهڙيءَ جي انهن ماڻهن ۽ بزرگن سان ڪچهريون پڻ ڪيون هيون جن نہ صرف بيدل کي ڏٺو، پر ان جا صحبتي پڻ رهيا ها. جهڙوڪ قاضي غلام مهدي وغيره.

ڪافي عرصو پوءِ يعني گدومل هرجاڻيءَ جي ڪتاب "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري" جي ڇپجڻ کان پورا ٣٦ سال پوءِ ۽ عبدالحسين شاهہ موسوي جي تاليف "ديوان بيدل" جي اچڻ کان ٢٧ سال پوءِ، درگاهہ بيدل جي گادي نشين مرحوم سبحان بخش قريشي، پنهنجي ترجمو ڪيل بيدل جي پارسي ڪتاب "پنج گنج" (٥) ۾ انهيءَ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي، بيدل جي خاندان جو شجرو هن جي والد صاحب کان بہ پيڙهيون مٿي ڄاڻايو آهي ۽ هن طرح رقم طراز آهي.

"فقير قادربخش بيدل جي پڙ ڏاڏي جو نالو ميان عبدالقادر قريشي هو، جيڪو اصل ملتان جو رهاڪو هو. پاڻ قريشي صديقي ۽ غوث بهاءالحق جي گهراڻي سان تعلق رکندو هو. ملتان ۾ مير جان الله شاهہ رضوي روهڙائيءَ جي خدمت ۾ رهڻ لڳو ۽ سندس بيعت ڪري دم جي ڏمال شروع ڪيائين. مير جان الله شاهہ رضوي ملتان کان روهڙي واپس آيو تہ ميان عبدالقادر بہ پوري خاندان سميت پنهنجي وطن کي هميشہ لاءِ الوداع چئي پنهنجي مرشد سان گڏجي روهڙيءَ آيو ۽ ريشم باف محلي ۾ هڪ جاءِ خريد ڪري رهڻ لڳو. ميان عبدالقادر کي بہ نينگر ها، غلام فريد ۽ غلام لطيف. هي ٻئي مير جان الله شاهہ جي فرزند صوفي قلندر علي شاهہ جي خدمت ۾ رهندا ها. غلام فريد کي هڪ نينگر محمد محسن ۽ غلام لطيف کي نينگر بيگ محمد هو. هي ٻئي صوفي قلندر علي شاهہ جي وڏي فرزند فتح علي شاهہ عرف جمن شاهہ (٦) جي خدمت ۾ گذاريندا هئا. ميان عبدالقادر جي آخري

آرامگاهہ فقير بيدل جي درگاهہ جي اتر ۾ مولوي عبدالحليم (۷) صاحب واري ٽڪريءَ تي آهي."

هتي فقير قادربخش بيدل جي خاندان جو شجرو مرحوم سبحان بخش قريشي جي ڏنل شجري جي روشنيءَ ۾ پيش ڪجي ٿو.

## تعليم ۽ تربيت

فقير قادربخش بيدل پنهنجي وقت ۾ نهايت ئي پڙهيل ڳڙهيل ۽ اعليٰ تعليم يافتہ شخصيت جو مالڪ هو. اهو ئي سبب آهي جو هن کي هڪ برک عالم هئڻ جو درجو حاصل آهي. فقير بيدل جي ولادت هڪ درويش ۽ قادري طريقي جي دست بيعت صوفيءَ جي گهر ۾ ٿي. اهڙي طرح هن هڪ علمي ۽ صوفيانہ ماحول ۾ اکيون کوليون. بيدل جي والد صاحب وٽ وقت جي اهم صوفي درويشن ۽ مفڪرن جو اچڻ وڃڻ رهندو هو. جتي تصوف جي مختلف موضوعن تي يقيناً بحث مباحثا ٿيندا هوندا ۽ هڪ غير معمولي ۽ ذهين ٻار جي حيثيت ۾ بيدل جي شروعاتي تربيت هڪ عالمانہ ۽ عارفاڻي فضا ۾ ٿي. فقير بيدل جون ڇڏيل تصنيفون هن جي علمي حيثيت ۽ لياقت جي سندُ پيش ڪن ٿيون. بيدل جي بنيادي درس و تدريس واري سلسلي ۾ اڳئين تذڪره نويسن ڪا خاص تحقيق نہ ڪئي آهي. روهڙيءَ جو شهر ان دور ۾ هڪ وڏو علمي مرڪز هو. جتي برک عالمن جا مدرسا قائم هئا. فقير بيدل ڪهڙن مدرسن ۽ ڪهڙن استادن وٽ بنيادي تعليم حاصل ڪئي، ان جو ڪوبہ پتو پئجي نہ سگهيو آهي. فقير بيدل پاڻ بہ پنهنجي ڪنهن تصنيف ۾ نہ ڪنهن استاد جو ذڪر ڪيو آهي ۽ نہ ئي ڪو اشارو ڏنو آهي. اڳئين سوانح نگارن صرف ايترو ڄاڻايو آهي تہ بيدل کي پنجن ورهين جي ڄمار ۾ مڪتب ۾ استاد وٽ ويهاريو ويو. گدومل هرجاڻيءَ، قاضي غلام مهدي کان روايت نقل ڪئي آهي تہ فقير صاحب (بيدل) فرمايو

"اسان جي والد صاحب اسان کي پنجن ورهين جي ڄمار ۾ استاد وٽ پڙهڻ لاءِ ويهاريو، پر ٻارهن ورهين جي ڄمار تائين اسان کي هڪ "الف" جي اکر کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ياد نه هو" (٨) ان مان خبر پوي ٿي ته فقير بيدل ٻارهن سالن جي عمر تائين مڪتب ۾ ويندو رهيو. البته گهر جي صوفياڻه ۽ عارفاڻه ماحول سبب جيئن ته سندس دل ننڍي هوندي کان ئي "عشق" سان تمتار ٿي چڪي هئي تنهن ڪري هن جو ظاهري علم ڏانهن رويو ڪجهه غير معمولي رهيو. گدومل هرجاڻي اهو ڄاڻايو آهي ته بيدل فارسي علم ۽ عربي علم ۾ صاحب ميزان ۽ اڪبريءَ جا سبق ورتا. ان کا سواءِ قرآن، حديث، فقه ۽ اجتهاد تي پوري دسترس حاصل ڪئي. حسام الدين شاهه راشدي به لکيو آهي ته هو ظاهري علم جو هو ٻنڌار عربي فارسي اردو ۽ سرائڪي زبانون ڄڻ مادري ٻوليون هيس، جڏهن انهن زبانن ۾ ڪلام چوڻ ويهندو هو ته بس درياءَ پلٽائي ڇڏيندو هو. (٩) عربي فارسي جي تعليم حاصل ڪرڻ دوران بيدل کي سندس والد صاحب به وقت بوقت تصوف جا بنيادي راز اسرار ۽ رمزون سيکاريندو رهيو. اهڙي طرح چند سالن ۾ ئي برک ۽ بي مثال ٿي پيو.

فقير بيدل برصغيرجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو. پارسي ٻوليءَ جو ڄاڻو هئڻ ڪري هن مولانا جلال الدين رومي جي مثنويءَ کان سواءِ شيخ سعدي، حافظ شيرازي ۽ فريد الدين عطار جي ڪلام جو گهرو مطالعو ڪيو. ان کانسواءِ هن سنڌ جي آساسي شاعريءَ سان پڻ لنو لاتي، خاص طور تي هن شاهه جي رسالي مان ڪافي اثر ورتو.

فقير بيدل شروعاتي وهيءَ کان ئي سنڌ جي مختلف شهرن، علمي مرڪزن ۽ صوفي درگاهن جو سير ۽ سياحت ڪئي. هن سيوهڻ، ڀٽ شاهه، جهوڪ شريف، درازا، پير جو ڳوٺ، پرياڻوءِ، نوشهروفيروز، ۽ کنڊڙيءَ وجي نه صرف اتان جي درگاهن جي فڪري،

تحريڪن کان آگاهي حاصل ڪئي، پر اتي موجود صوفي فقيرن، درويشن، جوڳين، سناسين ۽ راڳ جي پارکن سان ڪچهريون پڻ ڪيون ۽ انهن جي فڪري ڪلاسن ۾ شرڪت ڪري رچي ريتو تي ويو جو سندس شخصيت نرالي ۽ باڪمال بڻجي پئي. فقير بيدل ان دوران هڪ طرف مطالعو ۽ مشاهدو ماڻيو ته ٻي طرف پنهنجي علم ۽ فضيلت جي ميجتا پڻ ڪرائي. اهو ئي سبب آهي ته جو هن پير ڳوٺ جي سفر دوران پير صبغت الله شاهه راشدي جي فرزند سيد علي گوهر شاهه اصغر کي مثنوي مولانا روم جا سبق ڏنا. (١٠)

اهو فقير بيدل جي علمي فضيلت جو ئي اثر هو، جو هن پنهنجي وقت ۾ ڪيترن ئي عالمن ۽ مذهبي مبلغن سان مناظرا ۽ بحث مباحثا ڪري انهن کي پنهنجن دليلن ۽ علمي حوالن سان ميجرايو (١١) فقير قادربخش بيدل اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۽ سنڌ جي مختلف شهرن جو سير سياحت ڪرڻ کان پوءِ روهڙيءَ ۾ اچي وينو، جتي هن دنيوي ڪمن ڪارين ۽ ذميوارين سان منهن ڏيڻ لاءِ ميجارڪو دوڪان کوليو ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن تصنيف ۽ تاليف جو ڪم سرانجام ڏنو.

## بيدل جو مولانا عبدالرحمان وٽ شرح مُلا پڙهڻ:

اڳئين تذڪره نويسن لکيو آهي ته فقير بيدل، مولوي عبدالرحمان سکر واري وٽ شرح مُلا پڙهي ۽ مولوي صاحب وٽ فقير بيدل جي پڙهڻ جو واقعو هن ريت ٻڌايو ويو آهي. مولانا دين محمد وفائي پنهنجي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ لکيو آهي ته "هڪ ڏينهن فقير قادر بخش (بيدل) "شرح جامي" جو درس وٺي رهيو هو ته اوچتو "عشق" جو لفظ اچي ويو، جنهن تي فقير بيدل کان اکين مان ڳوڙها ڪري اچي ڪتاب تي پيا. مولانا (عبدالرحمان) کي عرض ڪيائين ته: "سائين منهنجا عشق جو لفظ ته زمين آسمان کان وڏو نظر

اچي ٿو، مون کي اهو بس آهي، هاڻي پڙهڻ نٿو پچي سگهيم!" (١٢)
مٿين واقعي کي مرحوم عبدالحسين شاهه ۽ مرحوم سبحان بخش قريشيءَ پڻ پنهنجن ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي. انهيءَ واقعي کي بنياد بنائي مولانا دين محمد وفائيءَ پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ مولوي عبدالرحمان سکر واري جي پوٽي مولوي غلام محمد جي زباني لکيو آهي ته روهڙيءَ جو فقير قادربخش بيدل به مولانا عبدالرحمان مرحوم جو شاگرد هو (١٣)

مولوي عبدالرحمان سکر وارو فقير بيدل جو همعصر ۽ وقت جو جيد عالم ٿي گذريو آهي. مولانا دين محمد وفائي سندس سوانح حيات متعلق هن طرح رقم طراز آهي. "هي بزرگ شريعت جو پابند ۽ بي نفس درويش هو. نئين سکر جي آباد ٿيڻ وقت پنهنجي والد مولوي ڪمال الدين سان گڏجي بلوچستان مان اچي درياءُ بند تي رهيو. سنڌ جي مشهور عالم مولانا خليفه محمد يعقوب همايونيءَ کان ديني علومن جي دستار بندي ڪيل هيس ۽ نقشبندي طريقي ۾ خواجه عبدالقيوم صاحب مجددي جو بيعت ٿيل هو. شروع زماني ۾ درس به ڏيندو هو، پر پوءِ درس جو شغل ترڪ ڪري خلق خدا جي خدمت ۾ لڳو رهيو. مولانا مرحوم ٢٣ شوال ١٣١٤هجريءَ ۾ طاعون جي بيماريءَ ۾ ستر ورهين کان به وڌيڪ چمار حاصل ڪري وفات ڪري ويو. (١٤) مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته مولانا صاحب ١٣١٤ هجريءَ ۾ ستر سالن کان وڌي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. جيڪڏهن مولانا صاحب جي عمر سندس وفات (١٣١٤هه ) وقت ٧٣ سال به مقرر ڪجي ته سندس جنم جو سن ١٢٤١ هه نڪري ٿو، ان لحاظ کان مولانا صاحب فقير بيدل کان عمر ۾ پورا ڏهه سال ننڍو ثابت ٿئي ٿو. يعني جڏهن فقير بيدل کي پنجن ورهين جي ڄمار ۾ مڪتب ۾ ويهاريو ويو، تڏهن مولوي صاحب اڃا ڄايل به نه هو. ان مان اهو سمجهيو ته فقير بيدل، مولوي عبدالرحمان کان بنيادي تعليم حاصل نه ڪئي. هاڻي اچئون ٿا بيدل جو مولوي صاحب وٽ "شرح ملا" پڙهڻ واري مسئلي تي.

سنڌ جي برک عالم ۽ رسالي شريعت جي ايڊيٽر مولانا عبدالوهاب چاچڙ راقم الحروف کي ٻڌايو تہ ”شرح مُلا جامي“ نحو جو ڪتاب آهي، جيڪو مولوي عبدالرحمان جامي جي تصنيف آهي ۽ اهو ڪتاب مدرسي ۾ ايف اي (سيڪنڊري) جي ڪورس تي پڙهايو ويندو آهي. منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ هڪ جيڏو يا عمر ۾ ننڍو عالم سيڪنڊري تعليم ۾ استاد ٿي سگهي ٿو، پر اچو تہ سڀ ڪان پهريان مولوي عبدالرحمان وٽ فقير بيدل جي شرح مُلا پڙهڻ وارو واقعو هڪ دفعو وري ورجايون.

مرحوم سبحان بخش قريشي ڪتاب ”پنج گنج“ جي صفحي ٢٥ تي لکي ٿو تہ : ”فقير صاحب پنهنجي والد جي فرمان موجب سکر مولانا عبدالرحمان وٽ پڙهڻ ويا تہ سهي، پر جوش ۽ جلال ڪري اڳتي پڙهي ڪو نہ سگهيا. هڪ ڏينهن جو واقعو آهي تہ فقير صاحب شرح مُلا تي پڙهي رهيا هئا تہ طبيعت جوش سان ٻرجي ويئي ۽ منهن مبارڪ سرخ ٿي ويو ۽ اوچتو اکين مان زور سان نير وهي ڪتاب جي لفظن کي ميٽي ڇڏيو. تڏهن مولانا صاحب فرمايو تہ اوهان جو ڪجهہ پڙهيو آهي سو اوهان واسطي ڪافي آهي.“ انهيءَ واقعي مان ڄاڻ پوي ٿي تہ فقير بيدل پنهنجي علم ۽ عرفان ۾ مولوي عبدالرحمان جي مڪتب ۾ وڃڻ کان اڳ ئي ڪمال جي درجي تي پهچي چڪا هئا. ان لحاظ کان مولوي عبدالرحمان جو سندس استاد هجڻ ثابت نٿو ٿئي. البتہ فقير بيدل ۽ مولوي عبدالرحمان جيئن تہ هڪ ئي علائقي جا برک عالم هئا، ان ڪري انهن جو پاڻ ۾ اچڻ وڃڻ ۽ ڪچهرين ۾ بحث مباحثا ۽ مناظرا ٿيندا هئا. مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي بہ لکي ٿو تہ مولوي عبدالرحمان سکر وارو جو ان وقت جيّد عالمن مان هو، هڪ لڳا تعزيہ داري تي اعتراض ورتو، جنهن تي فقير صاحب (بيدل) ان جي جواز ۾ ڪتابي سندون لکي موڪليون. (١٦)

هتي فقير قادر بخش بيدل جو سن هجري ١٢٦٤ ۾ مولوي

عبدالرحمان سکر واري ڏانهن لکيل هڪ منظوم رقعو (خط) پيش ڪجي ٿو، جيڪو فقير بيدل جي فرزند فقير محمد محسن بيڪس پنهنجي هٿ اکرن ۾ لکيل فقير بيدل جي ڪلام جي قلمي نسخي ۾ نقل ڪيو آهي.

”رقعہ منظوم در دفع اشکال مولوي عبدالرحمان
کہ در ترکيب الفاظ تاريخ مذکور آور ده بور ترقيم يافت“

اي در هر علم باکمالي - در نحوز مخشري مثالي
خلجان کہ بشعر من عيان بود - دفعش زخيال من نهان بود
الحال بيمن مقدم تان - باد آمد دفع وي بآسان
کہ اين صورت هو بهوست پيدا - از سعدي برگزيده شعرا
اي بار خدائي گيتي آرائي - بربنده پير خود بہ بخشائي
پيراست صفت کي درميان است - تائيد کلام بيکسان است
بنده است مصناف خوالهش - خود نيڪ بداني اي قوي هش
درباره خاکسار بيدل - فرمائي دعائي عشق کامل

مٿي ڏنل رقعي مان مولوي عبدالرحمان سکر واري جي وڏي علمي قابليت ۽ حيثيت جي چڱي ريت خبر پوي ٿي، ساڳي وقت فقير بيدل جي ساڻس عقيدت مندي ۽ نيازمندي پڻ ظاهر ٿئي ٿي. البتہ فقير بيدل، پنهنجي خط ۾ مولوي صاحب کي پنهنجو استاد ڪري مخاطب نہ ٿيو آهي، نہ تہ فقير بيدل خط جي شروعاتي نثري عبارت ۾ ”استادم مولوي عبدالرحمان“ ڪري لکي ها، پر ان جي بجاءِ صرف لکيائين ”مولوي عبدالرحمان.“

# فيض جو ملڻ

فقير قادر بخش بيدل، هڪ صوفي درويش جي گهر ۾ ڄائو، سو بہ وقت جي باڪمال بزرگن ۽ عارفن جي دعا سان. تنهن ڪري سندس هلت چلت عام ماڻهوءَ کان غير معمولي ۽ مختلف هوندي هئي. اڪثر وقت ڪنهن اونهي سوچ ۾ رهندو هو، اڪيلائي پسند ڪندو هو ۽ ائين لڳندو هو ڄڻ هو ڪائنات جي ڳوڙهي مطالعي ۾ مگن آهي ۽ ڪنهن حقيقي ۽ سچي رهبر جي تلاش ۾ آهي. فقير بيدل کي روحاني فيض ڪٿان مليو ۽ ڪيئن مليو، ان لاءِ بہ اسان کي مختلف روايتون ۽ اشارا ملن ٿا. ڇاڪاڻ تہ فقير صاحب پاڻ بہ سنڌ جي مختلف عارفن ۽ صوفي درويشن کي هڪ ئي وقت پنهنجو مرشد سڏيو آهي. بهرحال پوءِ بہ بيدل کي روحاني فيض ملڻ جا اسان کي ٻہ رخ ۽ رستا ملن ٿا. هڪ ظاهري ۽ ٻيو باطني (مماتي).

گدومل هرجاڻي لکي ٿو تہ بيدل فقير خدا جي واٽ ۽ رياضت جي راهہ پنهنجي والد صاحب جي وقت ۾ مير جان الله شاهہ وٽان ڪان پڇي هئي (١٧) بولچند راجپال بہ لکيو آهي تہ هي پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي مير جان الله شاهہ وٽان جو مريد ٿيو هو (١٨) مرحوم سبحان بخش قريشي بہ سن ١٢٤٣ هجريءَ ۾ بيدل جو مير جان الله شاهہ وٽان دست بيعت ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي. فقير بيدل پاڻ بہ مير جان الله شاهہ وٽان جي وفات تي تاريخي شعر چئي ان کي پنهنجو مرشد سڏيو آهي. جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو.

جناب شاهہ جان الله صوفي - مکمل مرشد پير طريقت
بهنگام تکلم طالبان را - خبر ميداد زاسرار حقيقت
چو در وحدت وجودي کب کشودي - بديدي سالک انوار زينت
عيان مي بود درهر مستفيدش - از و آثار جذبات محبت

بسلسلہ قادري مي ساخت مسرور - ولي دوران به تزيت ممكنت
چو عزم سير ملک لامکان کرد - جلوس آورد برتخت هويت
پئي سالِ وصالش هاتفي گفت - ولي تاجور اقليم وحدت
(۱۲۵۵هہ)

فقير بيدل، سنڌ جي سرتاج شاهہ لطيف جي شخصيت کان بہ تمام گهڻو متاثر رهيو. فقير بيدل پنهنجي هيٺين شعر ۾ شاهہ لطيف سان تمام گهڻي عقيدتمندي جو اظهار ڪيو آهي.

مرشد وقت سيد السادات - مظهر جلو هائي غيب شهود
شاهہ عبداللطيف کز لطفش - طالبان مير سند بامقصود
ساقي بزم عشق و محل درد - اولين نور آچرين بنمود
پيشوائي موحدان که رهاند - سالکان را ڪلام او زقيود
عرش و کرسي زوجد اودرچرخ - آسمان پيش مسجد او بسجود

فقير بيدل، سنڌ جي عطار سچل سرمست کي پڻ رهبر سڏيو آهي ۽ هن جي شان ۾ شعر لکي وڏي عقيدتمندي جو اظهار ڪيو آهي ۽ پاڻ کي هن جي پرت جو پينار سڏيو آهي، جيئن چوي ٿو:

قرب وارن جي ڪتڪ ۾ مرد منصبدار هو
درتهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو

۽ اهڙو ئي عقيدت جو اظهار سچل سرمست جي وفات تي تاريخي شعر لکي پڻ ڪيو اٿائين.

چون سالڪ سچو زين طلسم مجاز - سوي آشيان رفت چون شاهباز
زهي صاحب وجد منصور وقت - که بي مثل بوده سوزو گداز
به هنگام سرجوشئي حالتش - نگاهش به هرسوي طالب نواز
به نيم التفات کزويا فتند - بيک لحظه طي گشت راهِ دراز
زهر دوجهان دست شت آن کسي - که شد محرم راز آن عشقباز
دلم جست سالي و صالش زجان - بگفتا: که دریاي زخار راز
(۱۲۴۲هہ)

ظاهري فيض ملڻ کانسواءِ فقير بيدل کي مماتي/ باطني طور تي بہ روحاني فيض ملڻ جو واقعو ان جي هر ڪتاب ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اهو آهي هن کي قلندر شهباز وٽان روحاني فيض جو ملڻ. گدومل هرجاڻي، عبدالحسين شاھہ موسوي ۽ مرحوم سبحان بخش قريشي ان ڳالھہ تي متفق آهن تہ فقير بيدل کي سيوهڻ شريف ۾ قلندر شهباز وٽان روحاني فيض حاصل ٿيو، ان کان اڳ سانده ٽي راتيون خواب ۾ فقير بيدل، قلندر شهباز کي ڏٺو. جنهن چيس تہ "اسان وٽ اچ" (١٩) تنهن بعد فقير بيدل سيوهڻ ويو، اتي ئي هن پهريون ڀيرو شعر چوڻ شروع ڪيو. سندس پهريون شعر جيڪو قلندر لعل شهباز جي شان ۾ چيل آهي، هتي پيش ڪجي ٿو. فقير بيدل جي چيل اها منقبت اڏ اردوءَ ۾ اڏ فارسيءَ ۾ چيل آهي، هتي ان جو اردو حصو پيش ڪجي ٿو.

دلامت ڈر زهول روز محشر پکڑلے دامن ابن پيغمبر

ميرا مرشد مکمل هي قلندر

حسيني حيدري سلطان سرور

قلندر چون محمد رهنما هے - قلندر چو علي مشکل کشا هے

قلندر نورحسن المجتبي هے - قلندر نسل شاھہ کربلا هے

ميرا مرشد مکمل هي قلندر

حسيني حيدري سلطان سرور

قلندر آفتاب اولياءُ هے، قلندر مظهر سُر صفا هے

قلندر صورت شير خدا هے - قلندر محض ذات کبريا هے

ميرا مرشد مکمل هي قلندر

حسيني حيدري سلطان سرور

ان لحاظ کان فقير بيدل جو باطني روحاني سلسلو "قلندري" بڻجي ٿو، اهوئي سبب آهي جو هن وقت تائين سندس درگاھہ تي روزانو قلندري ڌمال وڄندي آهي ۽ خاص موقعن تي درگاھہ جا فقير راڳ وڏراڳ ۽ سماع کانسواءِ ڌمال تي مخصوص رقص پڻ ڪندا آهن. هتي فقير بيدل جي ظاهري طريقت جي سلسلي کي پيش ڪجي ٿو.

سيد عبدالقادر جيلاني

عبدالملڪ چشتي دڪني

شاهہ عنايت شهيد

مير جان الله شاهہ رضوي اول

غلامر رسول وڏجارو

فقير غلامر محمد

عبدالوهاب جيلاني

مير جان الله شاهہ وچون

فقير قادر بخش بيدل

## تصنيف ۽ تاليف

فقير قادر بخش بيدل، پنهنجي تعليم تربيت ۽ سير سياحت کان پوءِ باقاعده تصنيف ۽ تاليف جو ڪمر سرانجامر ڏنو. سندس علمي فضيلت جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن پنهنجي ٥٩ سالن جي حياتيءَ ۾ عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ نظمر ۽ نثر جا پورا ٣٠ ڪتاب تصنيف ڪيا. جيڪي سواءِ ٽن ڪتابن

جي سمورا عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ لکيل اٿس. بيدل کان اڳ شايد ئي اهڙو صوفي درويش ۽ شاعر ٿي گذريو هوندو، جنهن ايتريون تصنيفون ڇڏيون هونديون. فقير بيدل جا لکيل اهي ڪتاب هن جي صوفياڻي ۽ مجازي شاعري کانسواءِ تصوف جي مختلف موضوعن رازن، اسرارن، اشارن، سمجهاڻين، انشاپردازي، تاريخ، علم فقه، اجتهاد ۽ ٻين دقيق نقطن ۽ اهم مسئلن بابت لکيل آهن.

گدومل هرجاڻيءَ، بيدل جي هٿ آيل صرف ١٨ ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جڏهن ته مرحوم سبحان بخش قريشي بيدل جي جن ڪتابن جو تفصيل وار ذڪر ڪتاب "پنج گنج" ۾ ڪيو، انهن جو تعداد ٢٢ آهي. هتي فقير بيدل جي تصنيفن جو، مرحوم سبحان بخش قريشي ۽ برک سنڌي عالم پير حسام الدين شاهه راشدي جي ڪيل مطالعي (٢٠) جي روشنيءَ ۾ تفصيل وار ذڪر ڪجي ٿو، جن جو تعداد ٽيهه (٣٠) ٻڌجي ٿو.

**(١) مثنوي رياض الفقر (نظم):** بيدل هيءَ فارسي مثنوي ١٢٥٨هه ۾ تصنيف ڪئي، جڏهن سندس عمر صرف ٢٧ سال هئي. ٨٥ صفحن تي مشتمل ڪتاب ۾ هڪ هزار بيت آهن، جن ۾ صوفين ۽ درويشن جي رياضتن جو بيان آهي.

مثنوي نرياض الفقر جا ابتدائي شعر هن ريت آهن:

الا اي ســاقي پيما نہ عشق رهم بکشا بہ سو مئخانہ عشق
رسان بوئي محبت دردماغم لبالب شوق خود گردان ايا غم.

**(٢) ديوان سلوڪ الطالبين (نظم):** ٣٥ صفحن تي مشتمل، ٩٠ غزلن جي هن پارسي ديوان کي، بيدل ١٢٥٩ هجريءَ ۾ تصنيف ڪيو. هن ديوان ۾ بيدل پنهنجو تخلص "طالب" استعمال ڪيو آهي. ديوان سلوڪ الطالبين کي قاضي پير محمد ٢١ جمادالثاني ١٢٨٥هه ۾ پڙ نقل ڪيو آهي مُهرّ ۾ بہ صفحا تعارف جا آهن. پهرين غزل جو مطلع هي

آهي.

الاهي موج وحدت بخش درياي خيالم را،
بہ بحرحال كم گردان حباب قيل و قالم را.

**(٣) رموز القادري (نظم):** ٢٥ صفحن جي ڪتاب ۾ قصيده غوثيہ جي منظوم فارسي شرح ڪئي وئي آهي. فقير بيدل هن کي ١٢٥٩هہ ۾ تصنيف ڪيو. بعد ۾ ڪتاب کي قاضي پير محمد ٢٧ جمادالثاني ١٢٨٠هہ ۾ نقل ڪيو. ابتدائي شعر هن طرح آهن.

عشق ساقي سالڪان ست اي رفيق مي رهد پئمانہ لبريز از رحيق
آن رحيقِ خوشگوار مشكبوي كز وي آدم گشتہ سرخوش باده جوي.

**(٤) مثنوي دلڪُشا (نظم):** مثنوي ١٢٦٣هہ ۾ تصنيف ٿي، هن ۾ رسول اڪرم ﷺ جي حديثن، مولانا رومي حافظ شيرازي ۽ شاهہ لطيف جي شعرن جي منظوم شرح ڪئي وئي آهي.

**(٥) مثنوي نهرالبحر (نظم):** بيدل هيءَ مثنوي ١٢٦٤هہ ۾ تصنيف ڪئي ۽ قاضي پير محمد ان کي ١٥ ربيع الاول ١٢٥٨هہ جو نقل ڪيو آهي. ٤٨ صفحن جي اها مثنوي فقير بيدل، مولانا رومي جي مثنويءَ جي انداز ۾ لکي آهي. ابتدائي شعر هن طرح آهن.

بشنو ازني نغمه سر الست تاچہ مي گويہ ازان عهدِ درست،
ملحناتِ حسرت هستي گداز مي سرايد با هزاران سوز و ساز.

مثنوي نهرالبحر قاضي غلام مهدي سن ١٣١٠هہ مطابق ١٨٩٣ع ۾ پڻ نقل ڪئي، جنهن جي فوٽو ڪاپي راقم الحروف وٽ موجود آهي.

**(٦) ديوان مصباح الطريقت (نظم - فارسي):** هي پارسي ديوان، فقير بيدل ١٢٦٥هہ ۾ حافظ شيرازيءَ جي ديوان کان متاثر ٿي ڪري تصنيف ڪيو، منجهس ڏيڍ هزار کان مٿي غزل، رباعيون، مخمس، مسدس ۽ قطعات شامل آهن. ديوان مصباح الطريقت کي سن ذي الحج ١٣١٥هہ مطابق ١٠ جولائي ١٨٩٣ع ۾ قاضي غلام مهدي پڻ پنهنجن هٿ اکرن ۾ نقل ڪيو جنهن جي فوٽو ڪاپي راقم الحروف وٽ محفوظ آهي.

پهرين غزل جو مطلع هن طرح آهي.

اللهي مطلع انوار وحدت ساز جانم را،
زظلمتهاي كثرت رستگاري ده روانم را.

**(٧) ديوان منهاج الحقيقت (نظم - فارسي):** هي بہ هڪ ننڍو فارسي ديوان آهي. جيڪو ١٢٦٥هہ ۾ تصنيف ڪيو ويو.

**(٨) ڪرسي نامہ (نظم):** هي فارسي بيتن جو ڪتاب آهي. جيڪو ١٢٦٧هہ ۾ تصنيف ڪيو ويو. مختصر ٣١ شعرن جي مثنوي جهڙي تصنيف آهي. بيدل جي فرزند فقير محمد محسن بيڪس، پنهنجي هٿ اکرن ۾ لکيل بيدل جي ڪلام جي نسخي ۾ پڻ نقل ڪئي آهي. مذڪوره نسخي جي فوٽو ڪاپي راقم الحروف وٽ محفوظ آهي. شروعات هن طرح آهي.

يا رب بحرمت شہ کو نين مصطفيٰ يا رب بحرمت شہ مردان مرتضيٰ
يا رب بحرمت شہ شهداءِ ڪربلا يا رب بحق زين عبا صاحبِ علا.

**(٩) سرود نامو (نظم):** سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو مجموعو آهي. جيڪو ١٢٦٧هہ ۾ لکيو ويو. ڪافيون ١٨ راڳڻين جي بنياد تي چيل آهن. پهرين ڪافي روپ بسنت ۾ چيل آهي، جڏهن تہ آخري ڪافي روپ جوڳ ۾ چيل آهي. فقير بيدل جي فرزند فقير بيڪس جو هٿ اکرن ۾ لکيل "سرود نامو" راقم الحروف وٽ محفوظ آهي. جيڪو بيدل جي وفات کان ٥ سال پوءِ ١٢٩٤هہ ۾ لکيو ويو. پهرين ڪافي جيڪا روپ بسنت ۾ چيل آهي، ان جو ٿلهہ هن طرح آهي.

بره بسنت ڪي باس ڪوئي ڪوئي پاوي

بيدل جي سرود نامي ۾ ڪجهہ متفرقا سنڌي ۽ سرائيڪي بيت، سحرفيون، منقبت ۽ مرثيا پڻ شامل آهن.

**(١٠) وحدت نامو (نظم):** سنڌي بيتن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ همہ اوست جو بيان آهي ١٥٠ بيت اٿس، ڪل صفحا ٢٢ بڻجن ٿا. هن کان اڳ بڌايل فقير بيڪس جي هٿ اکرن ۾ لکيل قلمي نسخي ۾ پڻ اهي

بيت شروع ۾ ڏنا ويا آهن. وحدت نامي کي ١٩٤٣ع ۾ ڳدومل هرجاڻي الڳ ڪتابي شڪل ۾ ڇپرايو هو. جڏهن ته بيدل جا اهي بيت موسوي عبدالحسين شاهہ جي ترتيب ڏنل "ديوان بيدل" ۾ پڻ شامل آهن. پهريون بيت هن طرح آهي:

هستيءَ کي هم اوست ۾ ڪيو گم جنين،
ڏٺو ترت تنين اڪين شعاع شهود جو.

**(١١) وحدت نامو (اردو):** ڳدو مل هرجاڻي ١٩٤٣ع ۾ ڇپايل بيدل جي سنڌي وحدت نامي جي پيش لفظن ۾ بيدل جي اردو وحدت نامي (بيتن جي مجموعي) جو ذڪر ڪيو آهي. پر راقم الحروف کي ان جو نقل ڪتان به ميسر ٿي نہ سگهيو. بيدل جي اردو وحدت نامي جو هڪ بيت هن طرح آهي.

وحدت دا چشمہ جاري هے، هم نے رمز حقيقي پائي هے،
ساڈا پڑهنے تهين چت چايا هے، بيدل اکو الف پکايا هے.

**(١٢) غزليات هندي (نظم):** اردو ڪلام آهي، جنهن ۾ بيدل جا اردو غزل، رباعيون ۽ قطعات شامل آهن. غزليات هندي، قاضي غلام مهدي پڻ پنهنجن هٿ اکرن ۾ نقل ڪيا. انهيءَ نسخي جو تعارف هن ڪتاب جي پيش لفظن ۾ ڏنو ويو آهي. پهرين اردو غزل جو مطلع هن طرح آهي.

دل وحدت طلب فارغ زقيد جسم و جان هوگا،
کہ بيٹهک عاشقان دائم بہ ملک لامکان هوگا.

**(١٣) فرائض صوفيہ:** هي به هڪ سنڌي بيتن جو مختصر رسالو آهي، جنهن ۾ ٢٣ بيت آهن. انهن بيتن ۾ فقير بيدل صحيح صوفيءَ کي پنهنجا فرض سمجهايا آهن. فرائض صوفيا جا اهي بيت موسوي عبدالحسين شاهہ جي ترتيب ڏنل "ديوان بيدل" ۾ پڻ شامل آهن. پهريون بيت هن طرح آهي:

ڪوٺائين تو ڪلمہ گو ڪلمو پڑهڻ سِکُ،
فڪر جي ڦرهيءَ اُتي لا جو اکر لک،

معنيٰ واري مِڪَ حرفن مون هٿ آڻ تون.

**(١٣) ديوان بيدل (فارسي):** بيدل جو هي سڀ کان وڏو فارسي ديوان آهي، جنهن ۾ غزلن کانسواءِ فرد، رباعيون، مسدس ۽ مرثيا شامل آهن. اهو ديوان ١٢٨٠هه ۾ تصنيف ٿيو.

**(١٥) قصهٔ هير رانجها (نظم):** ٨٩ بيتن تي مشتمل مختصر مثنوي آهي، جنهن ۾ هير رانجها فارسي جي قصي کي منظوم بيان ڪيو ويو آهي، ڪتاب کي قاضي پير محمد نقل ڪيو. پهريون شعر هن طرح آهي:

زهر چه خامه نويسد به ناصيهٔ دوران
سوادِ حرف غمِ عشق خوش تر است بدان

آخري شعر هي آهي:

بمير "بيدل" در عشق گر بقا خواهي
که بعد مرگ بيابي حيات جا ودان.

**(١٦) قصهٔ ليلا مجنون (نظم فارسي):** ليلا مجنون جو طويل داستان مختصر ڪري ٢٢ بيتن ۾ ڏنو ويو آهي.

**(١٧) ظهور نامه (نظم فارسي):** ٢٢ بيت آهن، جن ۾ اناالحق جا نعرا گونجن ٿا. شروعات هن طرح آهي:

چون ذات بحث شائق نام و نشان شده
با وصف احمدي برو عالم عيان شده

آخري شعر هن طرح آهي:

جز ذات بي تکيف موجود نيست هيچ
بيدل حديث فاو تو پاک از ميان شده

**(١٨) تاريخهائي وفات (فارسي نظم):** سنڌ جي ڪيترن ئي بزرگن ۽ شخصيتن جي وفات تي فارسي ۾ قطعا چيل اٿس.

**(١٩) پنج گنج (نثر):** فقير بيدل جو هي مقبول ڪتاب آهي، جيڪو عربي فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. هي ڪتاب بيدل، امير خسرو جي تصنيف "پنج گنج" کان متاثر ٿي ڪري ١٢٦٤هه ۾ تصنيف ڪيو.

هن ڪتاب مان بيدل جي علمي ڪماليت ظاهر ٿئي ٿي، ڪتاب ۾ حقيقت جي ڳولا لاءِ تصوف جي مختلف موضوعن کي چاليهن درجن ۾ ورهايو ويو آهي، جنهن ۾ پنج دليل ڏنا ويا آهن، جيڪي آهن قرآني آيت، حديث شريف، مثنوي مولانا روم جو بيت، شاهه لطيف جو بيت ۽ هڪ حڪايت. بيدل جي انهيءَ ڪتاب کي سنڌي ترجمي سان گڏ پيٺ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد پاران ١٩٧٦ع ۾ ڇپايو ويو آهي.

**(٢٠) فوائد المعنوي (عربي نثر):** هي ڪتاب ١٢٦٤هه ۾ لکيو ويو، جنهن ۾ تصوف جي موضوعن جهڙوڪ وحدت الوجود، وحدت الشهود، حسن، عشق، مجاز وغيره جي معنيٰ چٽيل آهي، هن ۾ تصوف جا ١١٨٧ اصطلاح سمجهايا ويا آهن.

**(٢١) سند الموحدين (فارسي):** هن ڪتاب ۾ ٻين عارفن ۽ صوفي شاعرن جا بيت سهيڙيا ويا آهن. ڪتاب ١٢٦٥هه ۾ لکيو ويو آهي. هن مجموعي ۾ شاهه لطيف، مير قلندر علي رضوي، پير محمد راشد، عبدالحق درازائي، فقير قبول محمد درازائي ۽ سچل سرمست جا بيت ڏنل آهن. ٣٥ صفحن جي ڪتاب کي ١٨ ذوالقعد ١٢٩٣هه ۾ پڻ نقل ڪيو ويو آهي.

**(٢٢) رموز العارفين (فارسي نظم):** هي ڪتاب ١٢٦٨هه ۾ تصنيف ٿيو، منجهس ٢٤ عارفن جي ڪلام جي منظوم شرح ڪئي ويئي آهي. ڪتاب جي تصنيف ڪرڻ جي تاريخ هن طرح ڪڍي ويئي آهي.

تاريخ ڪتاب آن دل آرام

فرمود ڪه باد خوش سرانجام.

١٢٦٨هه

بعد ۾ ڪتاب کي قاضي پير محمد ٥ جمادالثاني ١٢٨هه تي پڻ نقل ڪيو.

**(٢٣) تقويت القلوب في تذڪره المحبوب (فارسي سنڌي نثر):** ڪتاب ١٢٦٦هه ۾ لکيو ويو آهي. ڪل صفحا ٦٨ اٿس. وحدت جي بيان ۾

شاعرن جا شعر ۽ صوفين جا قول لکي انهن تي فقير بيدل پنهنجي هاشيه آرائي ڪئي آهي.

**(٢۴) في بطن احاديث (عربي ۽ فارسي نثر):** ڇهن حديثن جي باطني ۽ عرفاني معنيٰ ۽ تشريح ڪيل آهي. قاضي پير محمد جي هٿ اکرين ۵ رجب ١٢٨٠هه ۾ لکيو ويو.

**(٢۵) قرة العينين في مناقب السبطين (فارسي نثر ۽ نظم):** هي واقعيه ڪربلا متعلق هڪ سؤ صفحن جو ڪتاب آهي. شروعات انهن ٢٩ حديثن کان ڪئي ويئي آهي، جيڪي واقعي متعلق آهن. ڪتاب ٢٨ رجب ١٢۵٨هه تي قاضي پير محمد نقل ڪيو آهي. شروعات هن طرح آهي.

الاهي حرمت شاهه شهيدان دراصل حب اومارا در آور
تولا ليش چنان افگن به جانم که باشد دل هوا دارش به محشر

**(٢٦) الشاء قادري (فارسي نثر):** انشاء پردازيءَ جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ ڏهه رقعا شامل آهن.

**(٢٧) تاريخ سنڌ (فارسي نثر):** تاريخ تي لکيل آهي، جنهن ۾ گهٽو ڪري ٻين ملڪن جي بزرگن جو سنڌ اندر رهائش اختيار ڪرڻ بابت ذڪر آهي.

**(٢٨) خطباب جمعه ۽ وصيت نامو (عربي فارسي نثر):** ٿي چار جمعي جا خطبا آهن. منجهس فارسي جا بيت به ڏنل آهن. وصيت نامي ۾ هڪ شخص جي امداد۽ فتويٰ ڏنل آهي.

**(٢٩) عقائد (عربي فارسي نظم ۽ نثر):** هن ڪتاب ۾ فقير بيدل پنهنجن عقيدن جو اظهار ڪيو آهي. مختصر آهي، ڪجهه فارسي ۽ ڪجهه عربي ۾ آهي.

**(٣٠) متفرق ڪلام (فارسي نظم):** حسام الدين راشدي صاحب بيدل فقير جي متفرق پارسي ڪلام جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪو شايد سندس ڪنهن ديوان ۾ مرتب ٿيل ڪو نه آهي. انهيءَ ڪلام ۾ غزل، اردو، فارسي ۽ سنڌي ڪلام ڏسڻ ۾ آيو اٿس.

●

# بيدل جا صحبتي فقير

فقير قادر بخش بيدل جي صحبتي فقيرن، مريدن ۽ طالبن جو انگ تمام گهڻو هيو، جن ۾ مسلمانن سان گڏ هندو پڻ شامل هئا. فقير بيدل جا ڪافي طالب ۽ مريد اڳتي هلي پاڻ به وڏا شاعر ۽ عالم بڻيا، پر هتي اسين انهن ٽن شخصيتن جو ذڪر ڪنداسون، جن کي فقير بيدل جي حوالي سان وڏي اهميت حاصل ٿي. اهي آهن: ڪرمچند، غلام محمد ۽ قاضي پير محمد. ڇاڪاڻ ته انهن فقيرن کي فقير بيدل جي مجازي محبوب هئڻ جو درجو پڻ حاصل آهي. صوفين جي نزديڪ حقيقي عشق جي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ مجازي عشق جو ڏاڪو پار ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو الله جي ذات جيئن ته ڪا ظاهري صورت نه ٿي رکي، تنهنڪري هن جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪان پهريان هن جي بندي سان محبت ڪجي. اهڙي طرح اسان جو بيدل سائين به اهڙي مجاز ۾ يگانو ۽ نرالو ۽ عشق جو اوتار بڻيو، پر افسوس جو اڳين تذڪره نويسن فقير بيدل جي مجاز کي ۽ ان جي مجازي محبوبن جي احوال کي اهڙي طرح پيش ڪيو آهي، جو بجاءِ فقير صاحب جي شخصيت کي وڌائڻ جي، ان کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. مٿي ذڪر ڪيل فقير بيدل جا صحبتي فقير پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پاڻ به وڏي ڪمال جي شخصيت جا مالڪ هئا، پر هن ڪان اڳ انهن جي شخصيت جي ٻين پهلوئن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي صرف فقير بيدل جي مجازي محبوب هئڻ تائين محدود ڏيکاريو ويو آهي. فقير بيدل جي صحبتي فقيرن منجهان خاص طور تي فقير غلام محمد ۽ قاضي پير محمد کي وڏو مان ۽ مرتبو حاصل آهي، هو پنهنجي وقت جي اهم صوفي سرواڻ فقير بيدل جا نه صرف مريد هئا، پر سندس فڪر ۽ سلسلي جا اهم سپاهي پڻ هئا، پر فقير بيدل جيئن ته هڪ سچو

صوفي ۽ پير پرستيءَ جي خلاف هو. تنهنڪري هن جو پنهنجي پيارن طالبن ۽ مريدن سان سلوڪ هڪ محبتي دوست ۽ ساٿي جهڙو هيو. اهو فقير بيدل جي حسن سلوڪ، اخلاق، انوکي فڪر ۽ پُراثر شخصيت جو ئي اثر هو، جو اهي شخصيتون ڇڪجي سندس حلقي ۾ شامل ٿيون ۽ پنهنجي سموري حياتي فقيربيدل جي شخصيت ۽ فڪر کي آرپي ڇڏيائون. هتي فقير بيدل جي انهن اهم صحبتي فقيرن ۽ محبوب دوستن جو احوال پيش ڪجي ٿو.

## ڪرمچند

فقير قادر بخش بيدل پنهنجي تعليم تربيت ۽ سير سياحت کان پوءِ عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهيو. تان جو سندس هڪ نوجوان ڪرمچند سان نينهن جو ناتو جڙي ويو. ڪرمچند بجاج روهڙيءَ ۾ رهندڙ بيدل جي جوانيءَ واري دور جو دوست هو. مرحوم سبحان بخش قريشي، فقير بيدل ۽ ڪرمچند جي دوستيءَ جو سن ۱۲۴۸هجري ڄاڻايو آهي (۲۱) بيدل جي سمورين سوانح عمرين ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ انهيءَ زماني ۾ ڪرمچند جو بکر ۾ انگريزن جي ڇانوڻيءَ لڳ دوڪان هيو (۲۲) فقير بيدل ڪرمچند جي سڪ ۽ محبت ۾ روزانو روهڙيءَ کان بکر ويندو هو ۽ شام جو واپس موٽندو هو. تاريخ جا ورق اٿلائڻ سان اسان کي انگريزن جو بکر تي قبضي ڪرڻ ۽ ان ۾ فوجي ڇانوڻي ٺاهڻ جو سن ۱۸۳۸ع مطابق ۱۲۵۴هجري معلوم ٿئي ٿو. برک مورخ مولائي شيدائي لکي ٿو تہ "وائسراءِ لارڊ آڪليند ڪابل سان جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تنهنڪري بولان جو رستو صاف ڪرڻ کان اڳ وائسراءِ اليگزينڊر برنس کي ۸ شوال ۱۲۵۴هہ مطابق ۲۵ ڊسمبر ۾ مير رستم ڏانهن مُڪو جنهن سنگين جي زور تي بکر جو قلعو هٿ ڪيو. بکر ۾ فوجي ڇانوڻي ٺجڻ ڪري سکر پراڻي ۽ روهڙي

جي هندن مناري معصوم هيئيان فريئر روڊ جي منهن وٽ نـنديـن جهوپڙين ۾ سيدي سامان جا دوڪان کوليا.“ (٢٣) ڪرمچند بہ انـهن ئي ڏينهن ۾ يا سال ۾ ڪانپوءِ يعني (٥٦-١٢٥٥هـ) ڇانوڻي لڳ دوڪان کوليو هوندو. انوقت فقير بيدل جي عمر ٢۴ سال ٿئي ٿي. جڏهن تہ ڪرمچند سندس هم عصر يا ڪٿي ٻہ ٽي سال ننڍو هوندو، ڇاڪاڻ تہ هو ايتري عمر تائين رسيل هو جو هو اڪيلي سر دڪان هلائيندو هو ۽ هن کي دوڪان، ڪاروبار لاءِ روزانو روهڙيءَ کان بکر پيادل اچڻو وڃڻو پوندو هو. فقير بيدل جو ڪرمچند سان دوستيءَ واري ڏينهن جو هڪ عام ۽ دلچسپ واقعو پڻ ڄاڻايو ويو آهي، موسوي عبدالحسين شاهہ لکي ٿو تہ: انهن ڏينهن ۾ صديق فقير (ضلعو ٿرپارڪر وارو) اچي ميان سوال شاهہ جي اوطاق ۾ لٿو. صديق فقير جي تشريف آوريءَ جو ٻڌي بيدل فقير بہ آيو، صديق فقير ڪيس آجيان ڪئي ۽ چيائين تہ ”اچو، هندو فقير“ بعد ۾ بيدل فقير کان جڏهن پڇيو ويو تہ توهان کي هندو ڪري ڇو سڏيائون؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ ”مون هڪ هندو ڪرمچند ۾ فنا ڪاڏي آهي، تڏهن هندو ڪري سڏيو اٿن.“ (٢۴) ٻئي هنڌ اهو چيو ويو آهي تہ صوفي صديق فقير عمر جي آخري حصي يعني پيرسنيءَ ۾ روهڙي آيو هو.(٢٥) صديق فقير جي وصال جو سن ١٢٦٥هـ آهي، ان لحاظ کان جيڪڏهن صوفي صديق فقير وصال کان پنج ڇهہ سال پهريان روهڙي آيو هوندو تہ بہ اهو سن ١٢٥٩هجري بيهي ٿو. مرحوم سبحان بخش قريشيءَ، ڪرمچند جو فقير بيدل سان دوستيءَ جو عرصو ٽي سال ڄاڻايو آهي.(٢٦) موسوي عبدالحسين شاهہ لکيو آهي تہ فقير بيدل ڪرمچند کان منهن مَٽي وڃي روهڙيءَ پنهنجي دڪان تي ويٺو (٢٧). ان ڳالهہ مان فقير بيدل جي ڪرمچند سان ناراضگي معلوم ٿئي ٿي. هڪ اهم روايت اها بہ آهي تہ فقير بيدل ڪرمچند جي بکر ۾ انگريزن جي ڇانوڻي لڳ دڪان کولڻ تي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪندو هو. فقير بيدل جيئن تہ هڪ وطن دوست

صوفي ۽ وحدت الوجودي هو، تنهن ڪري فطري طور تي هو ذارين فاتحن کان نفرت ڪندو هو. گمان آهي تہ پوءِ هن ڪرمچند کي اتان پنهنجو دڪان بند ڪرڻ جو زور رکيو هوندو. شايد ڪرمچند سندس اهو چيو نہ مڃيو جو فقير بيدل جلد ئي ساڻس منهن مٽي آيو. ڪرمچند جي ديهانت جي تاريخ ڪٿي بہ ڄاڻائي نہ ويئي آهي، البتہ گدو مل هڪ جاءِ تي لکيو آهي تہ "اهو ساڳيو ڪرمچند، بيدل فقير وٽ عمر جي آخري وقت تائين ايندو ويندو هو" (٢٨) ان مان خبر پوي ٿي تہ ڪرمچند بيدل جي حياتيءَ ۾ ئي ديهانت ڪري ويو هيو.

## غلام محمد فقير

فقير قادر بخش بيدل جي صحبتي فقيرن ۾ غلام محمد کي بہ اهم حيثيت حاصل آهي. غلام محمد فقير بيدل جو قرب ۽ فيض حاصل ڪري وڏي مرتبي تي پهتو، سندس مرتبي ۽ منزل جي خبر بيدل فقير جي فرزند فقير بيڪس جي هن شعر مان چڱي ريت پوي ٿي.

"بہ محبوب غلام محمد فقير مرغ لاهوتي" (فقير غلام محمد لاهوت لامڪان تائين اڏامندڙ پکيڙو هو.)

غلام محمد ذات جو داروگر مغل، شڪارپور جو رهندڙ هو، سندس مائٽ اتي درزڪو ڌنڌو ڪندا هئا. فقير بيدل جڏهن ڪرمچند کان منهن مٽي روهڙيءَ ۾ پنهنجي دڪان تي ويٺو، تن ڏينهن ذوالحج مهيني ۾ وار مبارڪ جي ساليانی زيارت لاءِ غلام محمد پنهنجن مائٽن سان گڏجي روهڙيءَ آيو، تان جو بيدل فقير جي ساڻس نظر فيض ٿي (٢٩). بيدل جي شخصيت غلام محمد تي ايترو اثر ڪيو، جو هو شڪارپور کان بنا مائٽن کي ٻڌائڻ جي بيدل سان ملڻ روهڙي ايندو هو. آخر جڏهن مائٽن غلام محمد کي روهڙي وڃڻ کان روڪي ويهاريو، تڏهن فقير بيدل پاڻ شڪارپور وڃي غلام محمد کي پاڻ سان وٺي آيو.

غلام محمد سموري حياتي وٿس گذاري. غلام محمد فقير، بيدل کان پورو پورو فيض حاصل ڪيو ۽ تمام گهڻي نياز ۽ نوڙت ۾ رهيو. هن بيدل کان سندس دڪان بند ڪرايو ۽ پاڻ درزڪو ڏنڌو ڪري جيڪو ڪمائيندو هو سو بيدل فقير جي خدمت ۾ حاضر ڪندو هو (٣٠) قاضي پير محمد، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو، ان جو بيدل وٽ اچڻ وڃڻ بہ غلام محمد جي معرفت ٿيو، ڇو تہ غلام محمد جو قاضي پير محمد سان ويجهائيءَ وارو رستو هو. موسوي صاحب لکيو آهي تہ هڪ ڏينهن غلام محمد فقير، بيدل کي عرض ڪيو تہ هڪ تہ بندي کي پنهنجي پيراندي کان جاءِ ڏيندا ۽ ٻيو تہ جنهن قرب جي نظر سان مون کي (غلام محمد کي) ڏسندا آهيو، تنهن سان ئي قاضي پير محمد کي ڏسندا (٣١) غلام محمد فقير ١٢٦١هجريءَ ۾ وفات ڪئي ۽ کيس اهڙي هنڌ دفن ڪيو ويو جو هينئر سندس تربت فقير بيدل جي بلڪل پيراندي کان آهي. حيرت جهڙي ڳالهہ آهي، جو سنڌ جو ٻرک مؤرخ مرحوم حسام الدين شاهہ راشدي ١٩٣٣ع ۽ ١٩٣٥ع ۾ ڇپيل پنهنجن مضمونن ۾ غلام محمد جي مزار شڪارپور ۾ ڄاڻائي آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو تہ "غلام محمد اڳي ئي مري نہ وڃي ها تہ بيدل سائين جي مزار بہ جيڪر اڄ شڪارپور ۾ هجي ها، مگر قدرت کي اهو منظور نہ هو، جنهن ڪري غلام محمد جي فوت ٿيڻ بعد سن ١٢٦٥هہ ۾ بيدل سائين وري اچي پنهنجو ڦٽل گهر آباد ڪيو." (٣٢) ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ "يار کان پوءِ ٻلا شڪارپور جي شهر ۾ رهي ڇا ڪندو، تاهم بہ ٽي سال دوست جي تربت تي گهاريائين ۽ نيٺ اچي پنهنجا اصلوڪا ماڳ روهڙيءَ ۾ وسايائين." (٣٣). راشدي صاحب شايد اڻڄاڻائيءَ کان اهو بيان لکيو آهي نہ تہ هو شڪارپور جو اهو ماڳ ضرور ڄاڻائي ها، جتي غلام محمد جي مزار آهي. اڳتي هلي مرحوم عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ مرحوم سبحان بخش قريشي پنهنجن تذڪرن ۾ غلام محمد فقير جو تفصيلي احوال ڏنو آهي ۽ سندس مزار

جي نشاندهي فقير بيدل جي پيرانديءَ کان ڪئي آهي. (٣٤) غلام محمد فقير جي مزار اڄ بہ روهڙيءَ ۾ فقيربيدل جي پيرانديءَ کان پنهنجي اصل شڪل ۾ موجود آهي، البتہ ان تي ڪوبہ ڪتبو وغيره لڳل نہ آهي. موسوي عبدالحسين شاهہ، غلام محمد جي وفات وقت عمر ۴۰-۴۵ سال ڄاڻائي آهي. (٣٥) هينئر جيڪڏهن غلام محمد فقير جي عمر وفات وقت (١٢٦١هہ ۾) ۴۰ سال بہ ڪٿي مقرر ڪجي تہ پوءِ غلام محمد جي ڄمڻ جو سن ١٢٢١هہ بيهي ٿو، ان لحاظ کان غلام محمد فقير، بيدل سائين کان عمر ۾ پورا ١٠ سال وڏو معلوم ٿئي ٿو ۽ جڏهن فقير بيدل جي دوستي غلام محمد سان ٿئي ٿي، تڏهن فقيربيدل جي عمر ٢٨ سال ۽ غلام محمد جي عمر ٣٨ سال بيهي ٿي. موسوي صاحب لکيو آهي تہ فقير غلام محمد، فقير بيدل وٽ سانده ٢٠- ٢٥ سال رهيو. (٣٦) جيڪو پڻ صحيح ثابت نہ ٿو ٿئي، خود موسوي صاحب جي لکڻ مطابق جيڪڏهن فقير بيدل ڪرمچند کان منهن مٽائي غلام محمد سان سڪ پريت جو سلسلو وڌايو هو تہ پوءِ ان جو سن اٽڪل ١٢٥٧هہ بڻجي ٿو، ان لحاظ کان ڏسبو تہ پوءِ غلام محمد پنهنجي وفات تائين، بيدل فقير جي صحبت ۾ صرف ۵ سال رهيو. فقير غلام محمد جي وفات فقير بيدل تي وڏو اثر ڪيو ۽ ڪس فقير غلام محمد جي وڇوڙي وڏو صدمو رسايو. آخر قلب کي قرار ڏيڻ لاءِ فقير بيدل هڪ پيرووري سير سياحت اختيار ڪئي ۽ درويشن جي درگاهن تي حاضري ڏيئي ۽ سالڪن سان صحبت ۾ رهي، اٽڪل ڇئن سالن کان پوءِ ١٢٦۵هہ ۾ روهڙي واپس آيا. پورا چار سال فقير بيدل، غلام محمد جي وفات تي ڏاڍيون رباعيون چيون آهن. حسام الدين شاهہ راشدي، بيدل جي انهن رباعين کي فقير غلام محمد جي وڇوڙي جي غم ۾ گرڻي ۾ سندس مرثيہ خواني سڏيو آهي. هتي فقير بيدل جا غلام محمد جي وفات تي چيل اِهي شعر ۽ رباعيون پيش ڪجن ٿيون، جن مان غلام محمد فقير جي شخصيت ۽ سندس بيدل فقير سان روحاني

تعلق جي خبر پوي ٿي.

(۱) رفت از جهان غلام محمد مراگذاشت
مرهون بہ حسرت بہ تاسف اسیر هم
پُر سید دل چو سال وفاتش ز فکر پاک
سالک نظر بگفت مصفا ضمیر هم.
(١٢٦١ هجري).

(۲) چون غلام محمد از عالم
بہ نهانخانہ بي نشان بہ نهفت
غنچہ تنگ صفات کرد قبا
گل جا نش بہ باغ ذات شگفت
سال فوتش از وَ بپر سیدم
نوگل روضئہ جنانم گفت
(١٢٦١ هجري)

(۳) چون شد غلام محمد رحیل زین عالم
بماند بردل محزون داغ درد و بلا
سوال کردم تاریخ فوتش از هاتف
ندا رسید بناگہ چراغ بزم بہا
(١٢٦١ هجري)

(۴) آن مخلص غلام محمد چون زین جهان
باجان شتافتہ بہ سُوي ملک سرمدي
کردم سوال سال و صالش ز عقل گفت
جاوید حاضري بہ جناب محمدي.

(۵) چون مونسم غلام محمد وداع کرد
زین عالمي بماند به دل داغ و درد و غم
پر سید م ازدل غمزده سال رحلتش
دل دردمند گفت که غمگین مانده ام.
(۱۲٦۱ هجري)

(٦) آن مخلص یگانه که خوش بود صحبتش
رفت از جهان بماند به دل داغ حسرتش.
مقبول حق غلام محمد که دور زد
خون شد دلم ز سوز غم و درد فرقتش
یا رب دوام باد بحق حبیب تو
فیضان ابر رحمت برخاک تربتش
جانش مدام غرق به بحر وصال دار
شادان نما به هویت نور وحدتش
شب چهار شنبه نوز دهم آخرین جماد
رسته ز قید هستي تاریخ رحلتش.
(۱۲٦۱ هجري)

(۷) رفت از جهان غلام محمد مراگذاشت
مرهون به حسرت و تباسف اسیرهم
پر سید دل چو سال وفا تش زفکر پاک
سالک نظر به گفت مصفا ضمیر هم.
(۱۲٦۱ هجري) (۱۲٦۱ هجري)

مرتبي جي خبر پوي ٿي. انهن ڪانسواءِ فقير بيدل، غلام محمد فقير جي وفات تي ٻيا ٻه ڪي الوداعي نظم ۽ نوحا لکيا آهن.

## فقير قاضي پير محمد

فقير قادر بخش بيدل جي صحبتي فقيرن ۾ قاضي پير محمد کي سيني کان وڏيڪ اهميت ۽ حيثيت حاصل آهي. قاضي پير محمد، فقير بيدل جي صحبتي فقير ۽ محبوب دوست سان گڏوگڏ پاڻ به باڪمال شخصيت جو مالڪ هو. قاضي پير محمد روهڙي جي ننڍن قاضين جو چشم و چراغ هو، جن کي خالدي قاضي به چيو ويجي ٿو، ڇاڪاڻ ته سندن سلسلو اڳتي هلي خالد بن وليد سان ملي ٿو. خالدي قاضين جو وڏو جيڪو روهڙيءَ ۾ آيو، اهو هيو ملا مفتي جيوند روحاني (٣٧). موسوي عبدالحسين شاهه لکيو آهي ته قاضي پير محمد جو وڏو ڏاڏو قاضي مخدوم مفتي جيوند، شيخ صالح شاميءَ سان گڏ دهليءَ کان روهڙيءَ آيو (٣٨). مولانا عبدالوهاب چاچڙ خيال ظاهر ڪيو آهي ته مُلا مفتي جيوند، اڪبر يا جهانگير جي دور ۾ سنڌ ڏانهن آيو. مولانا چاچڙ صاحب وڏيڪ ڇاڻايو آهي ته روهڙي جي ننڍن قاضين (خالدي قاضين) ۾ قضا جو سلسلو مخدوم جيوند کان شروع ٿيو. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ موسيٰ مفتي جي قضا جا ثبوت آهن، موسيٰ مفتي کانپوءِ ان جو پٽ عبدالڪريم مفتي پوءِ ان جو پٽ جان محمد قاضي ٿيو. جنهن بعد قاضي جان محمد جو ٻيو نمبر پٽ مُلا عمر عالم سکورو ۽ محتسب مقرر ٿيو. (٣٩) فقيربيدل جو محبوب دوست قاضي پير محمد، محتسب ۽ عالم قاضي مُلا عمر جي پنجين پيڙهيءَ ۾ اچي ٿو. قاضي پير محمد جي والد جو نالو قاضي گل محمد ۽ ڏاڏي جو نالو قاضي فيض الله هو. قاضي پير محمد جي ڏاڏي جو پاءُ قاضي محمد عالم، وقت جو محتسب هو. پاڻ عالم هجڻ سان گڏوگڏ شاعر به هو ۽ سندس تخلص

فقير بيدل جا اڪثر ڪتاب پنهنجن هٿ اکرن ۾ نقل ڪيا. موسوي عبدالحسين شاهه لکيو آهي تہ قاضي پير محمد جو بيدل وٽ درجو اهڙو هيو، جهڙو حسام الدين چلپيءَ جو مولانا روميءَ وٽ، جيئن حسام الدين چلپي، مولانا رومي جي واتان مثنويءَ جا بيت ٻڌندو ۽ لکندو ويندو هو، تيئن قاضي پير محمد بہ فقير بيدل جو گهڻو ڪلام لکيو، (۴۷) قاضي پير محمد فقير بيدل جي تصنيفن ۾ ان جو مددگار ۽ ڪاتب رهيو. مرحوم سبحان بخش قريشي تہ ايترو بہ لکيو آهي تہ "قاضي صاحب جي جدائي (وفات) ڪانپوءِ بيدل صاحب جن ڪو بہ ڪتاب ڪو نہ لکيو، پر فراق جا ڪلام ۽ ڏوهيڙا چيا اٿس". (۴۸) قاضي پير محمد هڪ طرف فقير بيدل جي تصنيفن کي پنهنجن هٿن اکرن ۾ لکيو، ٻئي طرف هن پنهنجي مطالعي لاءِ پڻ فقير بيدل جي ڪلام کي سهيڙيو. حسام الدين شاهه راشدي پنهنجي هڪ مضمون ۾ قاضي پير محمد جو مرتب ڪيل بيدل جي ڪلام جي ان قلمي ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو نالو "وحدت نامه" آهي. راشدي صاحب لکيو آهي تہ هي قاضي پير محمد حضرت "بيدل" جي تصنيفن جو انتخاب ڪيو آهي. ديباچي ۾ لکي ٿو تہ: "وحدت الوجود جي سلسلي ۾ جيڪي مصباح الطريقت ۾ فقير صاحب چيو آهي، تن سڀني کي پنهنجي مطالعي لاءِ گڏ ڪيو اٿم." ان ڪانسواءِ (بيدل جي) هيٺين ڪتابن جو ان ۾ خلاصو ڏنل آهي. ۱۳۰ صفحا فارسي غزل، قطعا، فرد، رباعيون اڍائي صفحا رياض الفقر مان ورتل، ۷ صفحا رموز القادري مان اخذ ڪيل، ساڍا ڏهہ صفحا رموزالعارفين مان ڪڍيل، ۱۰ صفحا نهرالجر مان ورتل، هندي غزل ۱۴ صفحا، سنڌي ڪافيون ۶۳ صفحا سي حرفي روپ جوڳ ۽ سي حرفي روپ بلاول". (۴۹) قاضي پير محمد جي ترتيب ڏنل انهيءَ ڪتاب مان خبر پوي ٿي تہ هو وحدت الوجودي فڪر سان تعلق رکندو هو ۽ ايترو تہ صوفي فڪر ۽ ان جي رمزن، اسرارن ۽ خيالن کان باخبر هو، جو هن فقيربيدل جي سڀني تصنيفن جو نچوڙ

قلمبند ڪيو. قاضي پير محمد جي علمي فضيلت ۽ ان جي سنڌي صوفيانہ شاعريءَ ڏانهن لاڙي هئڻ جو ثبوت ان ڳالهہ مان بہ ملي ٿو جو محترم محمد فاضل شيخ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ناماياري شاعر علي گوهر شاه اصغر جي ڪلام جي هڪ اهڙي قلمي بياض جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو قاضي پير محمد جي خاص مطالعي لاءِ لکيو ويو. (٥٠) قاضي پير محمد فقير، بيدل سائينءَ جي حياتيءَ ۾ ١٧ جنوري ١٨٦٩ع، ٣ شوال سن ١٢٨٥ هجريءَ ۾ وفات ڪئي. فقير بيدل جي هڪ شعر مان سنڌس وفات وقت عمر ٤٠ سال معلوم ٿئي ٿي. قاضي پير محمد جي تربت ريلوي لائين روهڙيءَ پرسان مشهور عالم مولوي عبدالحليم جي مزار لڳ آهي. قاضي پير محمد جي منزل ۽ مرتبي جي خبر فقير بيڪس جي هن شعر مان چڱي ريت پروڙي سگهجي ٿي.

"ڪہ قاضي پير محمد مست و مجذوب خمار عشق"

فقير بيدل ڪي فقير غلام محمد جيان قاضي پير محمدجي وجوڙي پڻ تمام گهڻو صدمو رسايو ۽ جهوري وڌو. ڇو تہ قاضي صاحب سنڌس هڏ ڏوکي، مونس، غمخوار ۽ محبوب دوست سان گڏوگڏ وڏو طالب ۽ مريد هيو. فقير بيدل، قاضي پير محمد جي وفات تي بہ ڪافي مرثيہ خواني ڪئي آهي، هتي فقيربيدل جا قاضي پير محمد جي وصال تي چيل چند شعر پيش ڪجن ٿا، جن مان قاضي پير محمد جي فقيرائي شخصيت ۽ مرتبي جي بہ خبر پوي ٿي، تہ ساڳئي وقت فقير بيدل جي ساڻس قرب ۽ تعلق جي بہ ڄاڻ ملي ٿي.

تاريخ وصال:

اخي و عضدي بمزلة الروحَ مِن جسدي

مقبول بارگاهہ صمدي مغفور مرحوم قاضي پير محمد غفور الله له

(١) سالڪ طريق پير محمد ڪہ در زمان
گو برده در سلوڪ طريقت ز سالڪان

بـا خاص و عـــام داشــت ره خدمـت و نـيــاز
مـي ديـد نـور جلوه هـمـت اوسـت را عــيــان
بـعـد از بـلـوغ سـيــر الـي الله ســر نمـونـد
ســال جهـل جدا ازتــن آمــد بــه مـلـک جان
سـيـم (۳) شـوال درشب يـک شـنبـه نـيم شـب
دست از نـشان بـه شـسـت در آن بحر بي نـشان
وقـت عــروج طـائـر روحـش فـرشـتـه گـفت
پـرواز كـرده نـيـم شـب سـوئـي آشــيــان
(سال ۱۲۸۵ هجري).

ديگر: تاريخ وفات درويش، محنت كيش، محو ذات احد مغفور مرحوم قاضي پير محمد

(۲) چون كـه قـاضي پيـر مـحـمـد بـا هـدي
كـرد انــدر عـــشـق حـق جان را فـــدا
دل زســـــال وصـــل او داده خبـــــر
گـــفــت بُد پـروانــه شــمــع خدا
(سال ۱۲۸۵ هـ)

ديگر: تاريخ وصال محبوب القلوب او صله الله الي ماتيمناهم
پيـر مـحـمـد مظـهـر فـيـض الله
چون سُوي عـالم بقـا پيـموده راهـ
هـاتف از سـال وصـالـش باز گـفـت
در جهـان جان گـفـت آرام گـاهـ.
( سال ۱۲۸۵ هجري).

# حاڪمن کان بيزاري

فقير قادر بخش بيدل، پنهنجي دور جو هڪ سچو صوفي ۽ وقت جي REDICAL صوفي فڪر وحدت الوجود جو قائل هو ۽ انهيءَ تحريڪ جو مُکيہ اڳواڻ هيو. سموري تاريخ تي نظر ڦيرائڻ سان خبر پوي ٿي تہ هر دور ۾ وحدت الوجودي صوفين جي، رياست ۽ حاڪمن سان ۽ ڌارين فاتحن سان ٽڪراءُ واري صورتحال رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ وحدت الوجود جي نظرئي رياست ۽ عوام ۾ ايڪي اتحاد ۽ يگانيت جي پيدا ڪئي ۽ اهڙو فڪر ۽ پرچار ظالم حڪمرانن لاءِ خطري جو باعث بڻيو. فقير بيدل، مير جان الله شاهہ رضوي دوئم جو دست بيعت مريد هيو، جيڪو سنڌ جي انقلابي وطن دوست صوفي شاهہ عنايت شهيد جي مکيہ خليفي مير جان الله شاهہ رضوي اول جو پوٽو هيو. اهڙي طرح هُو ۽ سندس طالب بيدل بہ ساڳئي ئي سلسلي جا اڳواڻ هئا. فقير قادر بخش بيدل، شاهہ عنايت شهيد جي المناڪ شهادت واري واقعي کان نہ صرف باخبر هو، پر ان کان متاثر پڻ. ان لحاظ کان هو پنهنجي مرشد کانپوءِ پنهنجي تر ۾ وحدت الوجودي فڪر جو اڪيلو وارث ۽ نمائندو هيو ۽ هن سموري حياتي انهيءَ فڪر تي ڪاربند رهي، انسانيت جي ايڪي ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ پرچار ڪيو. فقير بيدل پنهنجي حياتيءَ جو اڌ ميرن جي صاحبي ۽ حياتيءَ جو ٻيو اڌ انگريزن جي حڪمراني ڏٺي. ان سڄي عرصي ۾ فقير بيدل حڪمرانن ۽ انهن جي ٽولي کان بلڪل لاتعلق رهيو، بلڪہ انهن کان بيزاري پڻ اختيار ڪئي. فقير بيدل جي حياتيءَ جا اهڙا ڪيئي واقعا ملن ٿا، جن مان ان ڳالهہ جي ثابتي ملي ٿي. گدومل هرجاڻي لکي ٿو تہ هڪ ڀيري خيرپور جي مير علي مراد خان، بيدل فقير ڏانهن نذرانو موڪليو تہ بيدل ڪاوڙجي لال ٿي ويو ۽ نذرانو واپس ڪري ڇڏيائين. (٥١) اهڙي طرح ٻئي ڀيري فقير

بيدل ڏانهن ميرن جاگير جو پروانو موڪليو، جيڪو هن پرزا پرزا ڪري مير علي مراد ڏانهن واپس موڪليو. (٥٢) هڪ ڀيري مير علي مراد خان، فقير بيدل ڏانهن ملاقات جي دعوت موڪلي، جيڪا بيدل قبول نہ ڪئي، ۽ فرمايائون تہ جيترو وقت اسان مير صاحب وٽ هلنداسون، اوترو وقت الله جو ذمر رهندو، ٻئي ڀيري فرمايائون تہ لمير جي دروازي تي فقير جو وڃڻ بڇڙو ۽ خراب آهي. (٥٣) ثابت ٿيو تہ فقير بيدل سموري حياتي حاڪمن ۽ اميرن کان پري رهيا ۽ هميشہ سادگيءَ ۽ غربت ۾ رهڻ پسند ڪيو. فقير بيدل ڪنهن بہ موقعي تي درباري انعام اڪرام جي طلب نہ ڪئي ۽ نہ ئي وقت جي حاڪمن جي تعريف ۾ ڪا قصيده گوئي ڪئي. اهوئي سبب آهي جو هن وقت تائين فقير بيدل جي درگاهہ سان ڪا بہ زرعي زمين/جاگير لاڳاپيل نہ آهي، جيڪا ڪنهن بادشاهہ يا حاڪم جي ڏنل هجي. ان ڪانسواءِ هن درگاهہ جو هيل تائين ملڪي سياست ۾ ڪو بہ ڪردار نہ رهيو آهي، ۽ نہ ئي انگريزن جي دورِ حڪومت ۾ فقير بيدل کي يا ان جي پوين کي ڪي القاب خطاب يا ڪي سندون ئي مليون.

## فقير بيدل جو اولاد

فقير قادر بخش بيدل ٻہ شاديون ڪيون، پهرين گهر مان ڪيس هڪ نياڻي ڄاول ٿي ۽ ٻئي گهر مان ڪيس ٽي فرزند ڄاول ٿيا. موسوي صاحب موجب فقير بيدل کي تاريخن لکڻ جو بيحد شوق هو، جڏهن قاضي پير محمد جي چئني پٽن جي ڄمڻ جون تاريخون لکيون اٿس، تڏهن پنهنجن پٽن جون تاريخون ڇيون هونديون، پر ڄاول جون تاريخون فقير بيدل جي صرف ٻن پٽن جون مليون آهن. (٥٤) جيڪي آهن، محمد محسن (ڄمر ١٢٧٥هہ ) ۽ محمد فريد (ڄمر ١٢٧٧هہ) جي هتي ڏجن ٿيون.

تاريخ تولد برخوردار محمد محسن (١٢٧٥هـ)
بيست و ششم جماد الثاني زاد - محسن و مولدش مباركباد
پنج هفتاد يک هزار دوصد - بداز هجري رسول شاه رشاد
حق تعالىٰ بحق حسنينش - از خوادث مصمون دارد.

تاريخ تولد برخوردار محمد فريد (١٢٧٧هـ)
شب آدينہ بيست و سيم - از جماد اول فريد زاد
هفت. هفتاد يک هزار دوصد - بودکين ابتهاج دست بداد
يا رب از فتنہ دار مامونش - بہ نبي و آلہ الا مجاد.

فقير بيدل جي ٽئين نمبر فرزند جو نالو، موسوي عبدالحسين شاهہ، ۽ حسام الدين شاهہ راشدي "امام بخش" ڄاڻايو آهي. (٥٥) جڏهن تہ مرحوم سبحان بخش قريشي ان جو نالو "خدا بخش" لکيو اهي. (٥٦) فقير بيدل جي ٻن فرزندن "محمد فريد" ۽ "امام بخش" جي وفات تي پڻ اختلاف آهي. جهامنداس ڀاٽيا ۽ حسام الدين شاهہ راشدي مطابق، بيدل جو فرزند "محمد فريد" ڇمندي ئي فوت ٿي ويو ۽ ٻيو فرزند "امام بخش" ڇئن پنجن سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. (٥٧) جڏهن تہ مرحوم سبحٰان بخش قريشي اهو ڄاڻايو آهي تہ فقير بيدل جو فرزند "خدا بخش" ننڍي هوندي ئي گذاري ويو ۽ "محمد فريد" ڇئن پنجن سالن جي عمر ۾ سن ١٢٨۴هہ ۾ وفات ڪري ويو، جنهن جي تربت درگاهہ بيدل جي ڏکڻ ۾ آهي. (٥٨)

فقير بيدل پنهنجي وڏي فرزند تي پنهنجي والد صاحب جو نالو محمد محسن رکيو، جيڪو اڳتي هلي "بيڪس" تخلص سان سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين جو ناميارو شاعر ۽ صوفي بڻيو. سندس شروعاتي تعليم فقير بيدل جي فڪري اسڪول ۾ ٿي، جنهن بعد ڪجهہ وقت بيدل جي سؤٽ فقير عبدالله جي مڪتب ۾ بہ پڙهيو. طريقت جو

مرشد بہ والد فقير بيدل هوس. بيکس مجازي محبت جو تہ هو پندار، پر راڳ وئراڳ ۽ سماع ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ. حسام الدين شاھہ راشدي لکيو آهي تہ موج ايندي هيس تہ پاڻ بہ گهنگهرو پائي يڪتارو کڻي ڪن تي هٿ رکي "الوميان" ڪندو هو. (٥٩) بيڪس جو "ڪنئي" نالي هڪ هندوءَ سان مجازي محبت جو پيوند هو، هري دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ٻڌايو آهي تہ: "ٻڌو هوم تہ چانڊوڪي رات ۾ درياھہ جي ڪناري تي بيکس واريءَ تي ليٽي راڳ ڳائيندو هو ۽ ڪنيو ناچ نچندو هو." (٦٠) بيڪس جي زندگيءَ وفا نہ ڪئي ۽ پاڻ والد بيدل جي وفات کان صرف ٩ سال بعد ٢٣ ورهين جي ڦوھہ جوانيءَ ۾ سن ١٢٩٨ھہ مطابق ١ آگسٽ ١٨٨١ع تي وفات ڪري ويو.

●

# فقير بيدل جو وصال

فقير قادر بخش بيدل ١٦ ذوالقعد ١٢٨٩هہ مطابق ١٥ جنوري ١٨٧٣ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس جنازي نماز ۾ سندس مريدن، طالبن ۽ فقيرن تمام گهڻي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ مسلمانن سان گڏ هندو پڻ شامل هئا. فقير بيدل کي اهڙي هند رڪايو ويو، جتي پاڻ اڪثر وقت اچي مراقبو ڪري ويهندا هئا. فقير بيدل جي مزار تي هيٺيون ڪتبو لڳل آهي، جيڪو حسام الدين راشدي پنهنجي مضمون ۾ پڻ نقل ڪيو آهي. (٦١)

رحلت نمود: تاريخ وفات مرحوم فقير ميان قادربخش

وا! دريغا ڪہ سالڪ ڪامل راند ناگہ زدار دنيا رخش

هاتفم گفت سال رحلتش بود "طالب وحيد قادربخش"

سن ١٢٨٩ هجري.

فقير بيدل جي مزار مٿان پهريان ڪچو ڪوٺو ٺهرايو ويو ۽ ٽن سالن بعد چوڪنڊيءَ نموني ڪشادي درگاهہ تيار ڪئي وئي، ان بعد ١٢٩٨هہ ۾ فقير بيدل جي ساڄي پاسي فقير محمد محسن بيڪس ۽ ١٣٠١هہ ۾ فقير بيدل جي کاٻي پاسي فقير عبدالله کي دفنايو ويو. ١٩٢٣ع ۾ ٽنهي مزارن مٿان ڪاشيءَ جو عجيب ڪنهڙو نهي تيار ٿيو. ١٩٤٥ع ۾ درگاهہ جي ٻيهر تعمير ٿي، جيڪا موجوده صورت ۾ آهي. ١٩٦٣ع ۾ درگاهہ بيدل سان گڏ اتر ۾ هڪ عاليشان مسجد پڻ تعمير ڪئي وئي.

# 2. تاریخی ء سیاسی پس منظر

اندروني ڏڦير جو شڪار هئي. (٦١) حجاج بن يوسف، محمد بن قاسم کي سنڌ تي حملي لاءِ موڪليو تہ اها هدايت ڪيائينس تہ ڪنهن بہ ڪافر کي جيئرو نہ ڇڏجو. تنويرعباسي، چچ نامي، جي حوالي سان لکيو آهي تہ محمد بن قاسم جي اچڻ سان سنڌ ۾ ٽيڪس جا ٻہ اگھہ مقرر ٿيا. هڪڙو مسلمانن لاءِ ۽ ٻيو غير مسلم لاءِ. جيڪي غير مسلم هئا، انهن کي وڏيڪ ٽيڪس ڏيڻي پوندي هئي تہ جيئن مقامي ماڻهو مذهب تبديل ڪري مسلمان ٿين. زوريءَ مسلمان ڪرڻ ۽ حاڪمن پاران رعيت مٿان پنهنجو زوريءَ مذهب مڙهڻ سنڌ ۾ عرب رياست کان ئي شروع ٿي ويو هو. (٦٢)

١٠٢٦ع ۾ محمود غزنويءَ کي جڏهن سومنات جي بربريءَ مان ڏؤ نہ ٿيو تہ هن سنڌ ڏانهن رخ رکيو ۽ هن سنڌ مان عرب حڪومت جو خاتمو آڻي سنڌ کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو.

محمود غزنوي پاران سنڌ تي ڪاهہ جو وڏو سبب بہ مذهبي تعصب ڄاڻايو ويو آهي، لکڻ ۾ آيو آهي تہ محمود سني هو، جڏهن تہ سنڌ جا مسلمان گھڻو ڪري شيعا هئا (٦٣) اهڙي مذهبي فرقيبندي کي منهن ڏيڻ لاءِ برصغير ۾ انهن ڏينهن سيد علي هجويري داتاگنج بخش ۽ پوءِ سنڌ ۾ عثمان مروندي شهباز قلندر مذهبي رواداريءَ ۽ امن جو پرچار ڪيو.

ان ڪانپوءِ سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن جي دور حڪومت ۾ سنڌ واسين سک جو ساهہ کنيو. اهو دور سنڌي رياست جو سُنهري دور چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ سنڌ جي حڪومت سنڌي ماڻهن جي قبضي ۾ رهي. اٽڪل ست سئو ورهيہ سومرن جو ۽ اٽڪل پنج سئو ورهيہ سمن جو دور سنڌي سماج ۽ انجي تهذيب تمدن جي اوسر ۽ ارتقا جو دور هو. هن دور ۾ سنڌ ڪافي ترقي ڪئي ۽ ملڪ سکيو ستابو هيو (٦۴) سومرن ۽ سمن گڏجي خلجين سان مهاڏو اٽڪايو ۽ سنڌ جي رياست کي هڪ وحدت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ان وچ ۾ سن ١٣٥١ع ۾

محمد شاھہ تغلق سنڌ تي ڪاهي آيو، پر سنڌ ئي سندس قبرستان ثابت ٿي. ان بعد سندس پٽ فيروز شاھہ تغلق، پيءُ جي ناڪاميءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ ١٣٦٢ع ۾ سنڌ فتح ڪئي، پر جلدئي ٻيهر سمن سنڌ جي سلطنت هٿ ڪري ورتي. سنڌ جي تاريخ جي انهيءَ تابناڪ ۽ پُرسڪون دور جو خاتمو ١٥٢١ع ۾ ارغونن جي حملي سان ٿيو. ارغونن ڏهن ڏينهن تائين سنڌ جي مکيہ شهر ٺٽي جي لٽمار ۽ سنڌي ماڻهن جو قتل عام ڪيو ۽ سڄي سنڌ کي قيدخانو بڻائي ڇڏيو (٦٥) ارغونن هٿان سنڌ جي شڪست ۽ بربادي جو وڏو ڪارڻ سنڌ جي اقتداري ڌرين جي پاڻ ۾ ڇنڊا پٽ هو. سنڌ جو حاڪم ڄام فيروز، پنهنجيءَ پيءَ ڄام نظام جي بلڪل برعڪس ذاتي هوڏ ۽ تخت جي ٻُڪ ۾ وقت وڃائيندو رهيو، تان جو سنڌي سماج ۽ سنڌ جي رياست ڇڙوڇڙ ٿي وئي. ارغونن جي وقت ۾ رياست ۽ مذهب جي گڏيل ڏاڍ سبب سنڌ جي برک مذهبي عالم ۽ بزرگ مخدوم بلاول کي ڪافر ڄاڻائي جنڊ ۾ پيڙهايو ويو. ابراهيم جوئي لکيو آهي تہ مذهب رياست وانگر ئي سنڌ جي ماڻهن جي اتحاد ۽ قوت نہ پر سندن ڪمزوري ۽ نفاق جو سبب بڻجي پيو. قاضي قاضن ۽ سندس سڄو مهدوي ٽولو ۽ انجي مذهبي سربراهن، بکر جي سگورن سيدن پنهنجي وطن جي ماڻهن سان غداري ڪري حملہ آوار دشمن (ارغونن) لاءِ جاسوسي ڪئي (٦٦)

١٥٥۴ع ۾ ترخانن، ارغونن کان سنڌ فتح ڪئي. جنهن کان سال کن پوءِ پورچو گيزن پڻ سنڌ کي لٽيو. ارغونن ۽ ترخانن بہ سنڌ کي، باوجود انجي جو سندن هم مذهب علائقو هيو، لٽيندا ۽ ڦريندا رهيا. تاريخ معصومي ۾ لکيل آهي تہ ارغونن جي ڪاھہ وقت سنڌ جو حاڪم ڄام نظام، علم جو عاشق، زاهد ۽ عابد هو. هن جي حڪومت ۾ سنت نبويءَ جي پيروي عام هئي ۽ مسجدن ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ جو رواج عام هيو (٦٧)

مغلن جو سمورو دور بہ سنڌ واسين لاءِ ڪو سڪون ۽ آرام وارو نہ گذريو. شروع شروع ۾ ڪلهوڙي خاندان جا ڪيترائي سپوت،

ڇاڻي، ان جي خلاف سموري سرڪاري مشينري استعمال ڪئي. تنوير عباسي جي لکڻ موجب "اڪبر جي ڏينهن ۾ پرماري طبقن جي هڪ هٽي ختم ٿي وئي ۽ هن پنهنجي پيهر هڪ هٽي قائم ڪرڻ لاءِ مذهب جو جواز ورتو. جو نہ هو مذهب جي ذريعي ئي مقامي ماڻهن جي ايڪي کي ختم ٿي ڪري سگهيا. جيڪو وحدت الوجودي صوفين جي ذريعي قائم ٿيو هو، اهڙي طرح پرماري طبقن جي ضرورت هيٺ "هم اوست" جي فلسفي کي چئلينج ڪرڻ ضروري ٿي پيو. (٧٢) اورنگزيب جي ڏينهن ۾ وحدت الوجود فڪر جي تحريڪن سان برصغير جو عوام هڪ وحدت ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ اهڙي صورتحال اورنگزيب ۽ ان جي ساٿارين لاءِ خطرناڪ هئي. هن عوامي ايڪي کي ختم ڪرڻ لاءِ وحدت الوجودي فڪر خلاف هٿيار بند جنگ جوٽي، ايتري قدر جو هن (اورنگزيب) پنهنجي وڏي ڀاءُ داراشڪوه کي بہ نہ بخشيو. داراشڪوه وقت جو وڏو عالم، شاعر ۽ وحدت الوجودي فڪر جو قائل هو. پاڻ برک صوفي مجذوب سرمد جو مرشد ڀائي ۽ ساٿاري هو (٧٣) داراشڪوه ۽ سرمد جي فڪري تحريڪن عام ماڻهوءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو. آخرڪار اورنگزيب صوفي فڪر هيٺ گڏ ٿيل برصغير جي عوام جي ايڪي ۽ اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ، انسان دوستي ۽ مذهبي رواداري جي علمبردارن، سرمد ۽ داراشڪوه کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. اورنگزيب، داراشڪوه جي وڍيل سسي خونچي ۾ رکي، پنهنجي قيد ۾ پيل پيءُ شاهجهان ڏانهن اهو چورائي موڪلي تہ مون تو ڏانهن ناشتو موڪليو آهي. ٻي پاسي هُن سرمد شهيد جي سِسيءَ کي دهليءَ جي وچ چونڪ تي لٽڪائي ڇڏيو.

سرمد ۽ داراشڪوه جي وحشياڻي قتل برصغير جي سياسي ۽ مذهبي صورتحال تي گهرا اثر ڇڏيا. سرمد جي شهادت وارو واقعو فقير قادربخش بيدل جي ڄمڻ کان ڏيڍ سئو سال اڳ پيش آيو، پر بيدل پنهنجي سانير ۾ اچڻ ڪانپوءِ انهيءَ واقعي مان تمام گهڻو اثر ورتو. فقير بيدل پنهنجن ڪيترن ئي شعرن ۾ سرمد شهيد جو ذڪر ڪيو

آهي.

شاهہ شرف سرمد جيهي عارف، قرندي لنوڙي لائي
شاهہ شرف سرمد دي سرتي، درد ڪيتي ڏاڙ ڏاڙي
•
صوفي دا سر عشق چڙهايا، نيزي تي نرواري
•
شعلي انهين ڪُون ويکو يارو، سولي تي چڙهندا سُلطان
شاهہ شرف سرمد جيهي سالڪ، حسن دي موج ڪيتي حيران.

ان بعد مغلن جي آخري ڏينهن ۾ سنڌ اندر جهوڪ واري سانحي وڏا گهرا اثر ڇڏيا. ١٧١٧ع ۾ مغلن جي ڌُتي ۾ رهندڙ نواب اعظم خان، سنڌ جي ڪن مذهبي بنيادپرستن، پيرن، ميرن، وڏيرن ۽ ديس دروهين جي چُرچ تي، سنڌ جي هڪ وطن دوست ۽ انقلابي صوفي شاهہ عنايت کي دوکي سان شهيد ڪرائي ڇڏيو. پر هن جو سِرُ قتل ٿيڻ کانپوءِ بہ نہ جهڪيو ۽ نيزي تي نروار ٿيو. شاهہ عنايت جي مريدن ۽ طالبن جو انگ تمام وڏو هيو، جيڪي انسانذات جي عالمي وحدت ۽ عظمت جي عظيم اصولن ۽ مقصدن لاءِ شاهہ عنايت جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا ها. انهن حق ۽ سچ جي سپاهين ۽ شاهہ عنايت جي طالبن جو سرگرو مير جان الله شاهہ رضوي روهڙيءَ وارو (وصال ١٧٥۴ع) هيو، جيڪو فقير بيدل جي مرشد مير جان الله شاه رضوي دوئم جو ڏاڏو هئو. شاه عنايت جي شهادت وقت شاهہ عبداللطيف ٢٨ سالن جو هيو، جڏهن تہ اهو واقعو سچل سرمست جي جمڻ کان ٢٢ سال اڳ ۾ ۽ فقير بيدل جي جمڻ کان پورو هڪ سؤ سال اڳ پيش آيو. پير بيدل جيئن تہ وقت جو هڪ سجاڻ صوفي هو ۽ ساڳئي وقت پاڻ بہ شاهہ عنايت جي ئي سلسلي ۽ فڪر جو دست بيعت ۽ بوئنگ هيو، تنهن ڪري هو انهيءَ سانحي کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۾ شاهہ عنايت جي شهادت واري واقعي جا ڪي اشارا تہ ملن ٿا،

پر ڪو تفصيلي ذڪر نہ ٿو ملي، پر بيدل سنڌ جو اهو پهريون صوفي آهي، جنهن شاهہ عنايت جي شهادت جو احوال ۽ ان جي طريقت جو سلسلو تفصيل سان لکيو آهي، هتي فقير قادر بخش بيدل جو شاهہ عنايت جي شهادت تي لکيل پارسي قصيدو پيش ڪجي ٿو.

## قصيده تاريخ شهادت صاحبان کريمان شهيدان حضرت ميران پور بمع بعضي احوال آن جناب قدس الله روحہ

شهنشاهي قدم عرش آستاني، هماي عشق قدسي آشياني،
ز قيد جسم جسماني مقدس، مجسم نور در عالم عياني،
وجود لاتعين بي تنزل، شهود ذات بجت و كاشاني
باسم الله مصاني شد عنايت، بر اي اسم بي جسمي چو جاني،
ظهور آورد وچون درخطه کون، شده جويائي راه لامکاني،
چو موسيٰ بهر خضر وقت خود بست، کمر صدق ارادت برمياني،
سفر کردو بملتان ماند يک سال، بهر مجذوب شيخ مستعاني،
بارشادش بملک دهکن آمد ببرهان پور رسيده جانفشاني،
بشه عبدالملک گشته ملاقي سراغي يافت زان سرنهاني
به تشريف ولايت گشته ممتاز، مرخص شد بر شدت طالباني،
بوقت رخصتش شمشير داده بفرمود اينکه وقت جاني
بدين شمشير خواهي رتبئه يافت که رشک آرند باتو عارفاني،
بلطف و رحمت شاهہ شهيدان شوي در زمره اش از خاصگاني.
ولي بايد که وقت آزمايش نباشي از کرامت حرف خواني،
نسازي يک سر موئي تصرف بياد آري مصيبت سابقاني
وصيت شاه و پذرفت و بکو چيد بدهليٰ امد آن سلطانِ جاني
شدند آنجا زساداتش مريدان فيوضي يافتند از شهنشاني
وز انجا شد روان سوي خراسان، بعقبش فوج فوج سالکاني،

و ز انجا رهگرا گـر دید و آمـد بملـک خود بعـزو واصـلانـي
هـلال آسـا چوطي کـرده منـازل بگـشـتـه بدر بـس روشـن روانـي
بـارشـاد خلایق بسکه بـکشـاد لـبِ تـلـقین نـظـر فـیضِ نـهـانـي،
علـوي یـافـت غوغائـي تـصـرف خوارق عـاداتـش انـدر جهـانـي،
بـسـوي حـضـرت او مـیـدویدنـد طـلـبـگـاران حـق از هر مـکـانـي
ز مُلایان حـسـد سـرزد چو دیدنـد بـنـزدش اژدهـام از مـردمـانـي
بسحرش نـسـبـتي دادنـد از بغض چو هریکي از رسل راکـا فـرانـي
بحـاکم سنده عـبـاسـي نمودنـد سطـوت خـسـروانـه او بیـانـي
بشور آمد ولي از دست جودش نگشتـه منصرم این قـسـم شـانـي
نـوشـتـنـد از هجوم خلق بـسـیـار سـوي فـرخ سـیـر شـه جاهلانـي
بـر آشـفـت از مکاتیب حـسـودان بتـرسـید از قـضـائي بیگـمـانـي
مـبـادا ملـک او درویش گـیـرد بـینـدیـشـید نـادان سنـت جانـي
فـرسـتـاده مـدد عـبـاسـیـان را کـه تـار یزنـد خون جانِ جهـانـي
چوشد افواج امداد مستعد جنگ بمشتاقان بگفت آند دلمستانـي
کـه اي یاران همـه تادست بسـتـه بپـا باشـید در صف امـتـحـانـي
کـه این خود نـاز محبوب حقیقي است نـوازش عین بهـر عـاشـقـانـي
فـقـیـران دست بـسـتـه در صف جنگ بکـلـي منتظر آن اخترانـي
کـشـاده دست فـوج اهلِ طغیان بـقـتـلِ قـوم از خود رسـتـگـانـي
بـا ندک مـدت این خرقـه بـبـر کـرد قـبـائـي خاص قـربِ جا ودانـي
هزاران درعـدد بـودنـد لـیـکـن فـگـنـده سـر بـپـائـي قـاتـلانـي
چو نـوبـت شـاه والا جاه آمـد بپـانـزد شـخص بـاقـي مـانـدگـانـي
بمسلـخ عـشـق از زانـو در آمـد نـشـسـتـه راجي آن مـردگـانـي
رسـیده قـاتلي بیـرحم چون شـمـر بغرقـش زد دوسـه زخم گـرانـي
نـگـشـة کـارگـر آن هرسه زخمش برآن پـیرِ طـریـقت راز دانـي
بـگـفـتـندش تواین تـیـغـم بدست آر کـه تا بـاشـي بزودي کـامـرانـي
بـه بـیـشـش ده درست زرنـهـادنـد کـه دست مـزدِ تـست آرانـي

پس افتادند ساجد بيخودانه سراپا محو نوربي نشاني
سريکو گوهرِ تاجِ قدم بود جدا کرد آن سر سنگين دلاني
چو از امرِ شهادت شيخ پر داخت کمر بسته بقتلِ ديگراني
پس از نزع روانها ذکر ذاتي شده پيدا از پير و پيرواني
سرِ سرور سوارِ نيزه کردند شده "آسري بعبده" را بياني
به تهته چون رسيد آن سر مبارک شنيده خلق زد نطق عياني
بعقب سر مبارک مير ويدند ز معتقدان گروهِ جانقشاني
همي رفتند راهي تارسيدند بدهلي پيش شاهِ مفسداني
چون آن مغرور مال و جاه ديده سر سرور شده بس شادماني
دو کس برخاسته از مجلس او که بودند از گروهِ طالباني
دو سيد صاحب و جدو محبت زد ندش تيغ هاي جانستاني
چو اختر دهلي آمد در هبوطي شد آن سعدين را باحق قراني
سرِ سرور رسانيدند در سنده بصد عزو کرامت دوستاني
چو در ميران پور آمد راس اشر بنو شُد ماتم اندر خاد ماني
سرِ پيوست باجسم مطهر درونِ روضه رشک جناني
چو دل سال شهادت جست جان گفت شهيد حق همو مرشد زماني
۱۱۳۰هه

مغل سلطنت پنهنجي آخري ڏينهن ۾ سخت بحران ۽ نتشار جو شڪار ٿي وئي، ايتري قدر جو ڇهن سالن جي مختصر عرصي ۾ ان جا ڇهه بادشاهه تخت تي ويٺا ۽ لٿا. هڙي صورتحال ۾ سنڌ اندر انهن جو اثر گهٽجندو ويو. مغلن جي اهڙي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي، ميان يار محمد ڪلهوڙي مغلن کان سنڌ جي اتر وارو علائقو ساليانيءَ ڍل تي ورتو، ان بعد سندس پٽ ميان نور محمد ڪلهوڙي ۱۱۵۱ هجريءَ ۾ ساڳي طرح لوئر سنڌ کي بہ حاصل ڪيو، ۽ سنڌ ڪلهوڙن جي حوالي ٿي ويئي. انهيءَ واقعي کان ٻئي سال نادر شاهه دهلي کانپوءِ سنڌ تي

ڪاهي آيو. نادر شاهہ جي اوچتي ڪاهہ سنڌ اندر ڏهڪاءُ واري صورتحال پيدا ڪئي. حسام الدين شاهہ راشدي جي لکڻ موجب "نادر شاهہ عمر ڪوٽ ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي کان هڪ ڪروڙ نقد وصول ڪيو، ۽ ويهہ لک ساليانو ڏن جي بہ چٽي رکيائينس ۽ موٽندي سندس عظيم الشان ڪتب خانو بہ کنيو ويو ۽ سندس ٻہ نور نظر بہ يرغمال بڻائي ويو." (٧٤)

١٧٥٠ع ۾ سنڌ، نادر شاهہ جي سياسي جانشين احمد شاهہ ابدالي جي عتاب جو شڪار ٿي. احمد شاهہ ابدالي پاڻ ١٧٥٤ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي کان ڍل وصول ڪرڻ لاءِ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. نور محمد ڪلهوڙو ميدان ڇڏي ڀڄي ويو ۽ ١٧٥٥ع ۾ وفات ڪري ويو. ان بعد سندس پٽ مراد ياب تخت تي ويٺو. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ اندر گهرو لڙائي لڳي ۽ ڪلهوڙي خاندان پاڻ ۾ زور آزمائي ڪئي. مراد ياب معزول ڪيو ويو ۽ سندس ڀيو ڀاءُ غلام شاهہ سنڌ جو حاڪم بڻيو. ميان غلام شاهہ لاءِ حسام الدين شاهہ راشدي لکيو آهي تہ "هو بيحد سمجهدار ۽ حڪمراني ڪرڻ لاءِ موزون ۽ مناسب هو. هن پنهنجي زماني ۾ ملڪ ۾ نہ فقط امن قائم ڪيو، پر ڪيترائي سرحدي علائقا بہ سنڌ ۾ شامل ڪيائين." (٧٥) غلام شاهہ کانپوءِ سندس جانشين سرفراز ڪلهوڙو ظالم ۽ خونخوار حاڪم ثابت ٿيو. جنهن کي وڏي بدانتظاميءَ کانپوءِ معزول ڪيو ويو. ان وچ ۾ ٽالپر طاقت وٺندا ويا ۽ انهن جون ڪلهوڙن سان گهرو لڙايون لڳيون، جن جو فائدو وٺندي مدد خان سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سنڌ اندر ڏهڪاءُ مچائي ڇڏيو. جنهن سان ڪيترائي ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. اهڙي طرح گهرو لڙائين ۽ ڌارين جي حملن سبب ڪلهوڙا ڪمزور کان ڪمزو ٿيندا ويا ۽ سنڌ جي سطح تي ٽالپر طاقتور بڻجي ويا، تان جو اڳتي ها ابراهيم جوئي جي لکڻ موجب ١٨٠٣ع ۾ ٽالپر سنڌ جا حاڪم بڻيا. (٧٦) انهن ئي ڏينهن ۾ هندستان جي بادشاهہ شاهہ شجاع کي جڏهن معزول ڪيو

ويو. هُو انجي ساڳ ۾ سنڌ تي اچي ڪڙڪيو. ڪيس روهڙي ۽ سکر جي وچ ۾ ڪرڙيءَ جي ميدان تي شڪست ملي ۽ هو پنجاب ڀڄي ويو. اهو واقعو فقير بيدل جي ڄمڻ کان ١٢ سال اڳ پيش آيو.

ڪلهوڙن جو دور بہ مجموعي طور تي سنڌ وارن لاءِ سٺو نہ رهيو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ فقير بيدل جي رهڻ واري هنڌ کان ڪجهہ پريرو ۽ سچل سرمست جي تہ پاڙي ۾ ڪهڙن واري مخدوم صاحب جو سياسي قتل ڪيو ويو. جنهن جو پڻ سنڌ جي سياسي ۽ مذهبي حالتن تي گهرو اثر پيو. (٧٧) ڪلهوڙن جي دور ۾ مذهبي تعصب ۽ ڪٽرپڻو بہ جاري رهيو ۽ اڪثريتي مذهب وارن جو اقليتي مذهب وارن سان رويو ڏاڍو افسوسناڪ رهيو. انهيءَ دور ۾ غير مسلمن سان عجيب قسم جون جٺون ڪيون ويون. هندن ۽ ٻين غير مسلمانن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ ۽ انهن کان پنهنجو مذهب زبردستي ڇڏرائڻ جا ڪيترائي واقعا رونما ٿيا. جن جو تفصيلي ذڪر ابراهيم جوئي ۽ تنوير عباسي پنهنجن تصنيفن ۾ ڪيو آهي (٧٨) نہ صرف مسلمانن جو غير مسلمانن سان تعصب رهيو، پر سنڌ ۾ مسلمانن جي شيعا ۽ سُني فرقن کي پڻ هڪٻئي خلاف اياريو ويو. تان جو انهن جي پاڻ ۾ نفرت ۽ تفرقابازي ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي. خود ڪلهوڙي حاڪم غلام شاهہ کان ڪن مذهبي عالمن شيعن خلاف ڪيترائي اهڙا احڪام ۽ فتوائون جاري ڪرايون، جن مان ڪلهوڙا حڪومت جي شيعن خلاف تنگ نظري ۽ تعصب ظاهر ٿي رهيو هو (٧٩)

فقير بيدل جڏهن اکيون کوليون تڏهن سنڌ تي ٽالپرن جي حڪومت هئي، ۽ انهن ٽالپرن جي هٿاران ٿي بعد ۾ سنڌ انگريزن جي حوالي ٿي ويئي. ٽالپر حاڪم بہ اقتدار جي لالچ ۾ پنهنجن خانداني، لڙاين ۾ مصروف رهيا ۽ پنهنجن گهراڻن ۾ ورهائجي ويا. جنهن جي ڪري سندن ڏينهن ۾ سنڌ جي عوام ۽ سنڌ جي رياست جو پاڻ ۾ اتحاد ۽ ايڪو قائم رهي نہ سگهيو. ٽالپرن جي دور ۾ بہ سنڌ پنهنجن

جي غدارين ۽ پراون جي سازش جو شڪار رهي. ٽالپرن جي اندروني نفاقن ۽ اقتدار جي ڪشمڪش سبب سنڌ جي مرڪزيت ختم ٿي ويئي ٽالپرن جي حڪومت ٽن حصن ۾ ورهائجي وئي. اهڙي صورتحال سنڌ اندر انگريز واپارين کي اپاريو ۽ هينئر سنڌ کي حاصل ڪرڻ انهن جي ضروت بڻجي ويئي. بيدل جي جمڻ کان پنج سال اڳ ئي انگريزن جو سنڌ جي حاڪمن سان دوستيءَ جو عهدنامو ٿي چڪو هو، جيڪو ١٨٢٠ع ۾ جڏهن بيدل جي عمر ڇهه سال هئي، ٻيهر مضبوط ڪيو ويو، ان دوران ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا واپاري سنڌ متعلق سنجيدگيءَ سان ڄاڻ حاصل ڪرڻ لڳا. ڏارين جي اهڙي حڪمت عملي ۽ انهن جي وجود ۽ طاقت کي ڏسندي به سنڌ جي حڪومت سنڌ اندر عام ماڻهن جي ڀلائي يا بهبود لاءِ ڪي خاص قدم کونه کنيا. جڏهن ته ٻي طرف مذهبي ڪٽرپڻو ۽ تنگ نظري به جاري رهي، جنهن ڪري سنڌ جي عوام جو سنڌ جي حڪومت مٿان ويساهه گهٽجندو ويو ۽ سنڌ جي حڪومت کي عوام جي پٺڀرائي ۽ Support حاصل نه رهي. ٽالپر جيئن ته مذهبي طرح شيعا هئا، تنهن ڪري انهن وري غير مسلم ٽورائيءَ وارن سان جيڪو افسوسناڪ ورتاءُ ڪيو، سو ڪلهوڙن جي دور کان به وڌيڪ هو. رشيد ڀٽي لکيو آهي ته "ٽالپر هندن سان ٻئي درجي جي شهرين وارو سلوڪ رکندا هئا" (٨٠) ٻي هنڌ لکيو ويو آهي ته ٽالپر غير مسلمان جي باري ۾ سختيءَ کان ڪم وٺندا ها، لاڙ ۾ جيڪڏهن ڪنهن بدنصيب هندوءَ کان ڪا معمولي غلطي ٿيندي هئي ته انکي جهلي زوريءَ ڪلمو پڙهائي طهرائي ڇڏيندا هئا (٨١) اهڙي ئي مذهبي تنگ نظري ۽ ڏاڍ سنڌ ۾ نائون مل جهڙو غدار پيدا ڪيو، جنهن انگريزن جي ڀرپور مدد ڪئي، ڄاڪاڻ جو ٽالپرن جي دور ۾ سندس ڀيءُ هوتچند کي ڏرم مٿائي زوريءَ مسلمان ڪيو ويو هو (٨٢) اهو واقعو ان وقت پيش آيو، جڏهن فقير بيدل جي عمر ١٧ سال هئي. اهڙي صورتحال سنڌ اندر عوامي بيچيني ۽ نفاق جو سبب بڻي ۽ رياست جي

ماڻهن جو ٽالپرن تان اعتماد کڄندو ويو ۽ ٽالپرن جي عتاب هيٺ آيل ڪجهه حلقن ڌارين کي ڀليڪار چيو.

١٨٣٨ع ۾ جڏهن فقير بيدل ٢٣ سالن جو ڦوهه جوان هو، تڏهن انگريز پهرين افغان ويڙهه وقت بيدل جي رهڻ واري هنڌ کان ڏهن منٽن جي پيادل پنڌ تي قائم بکر جي قلعي تي قبضو ڪري چڪا ها ۽ سنڌ کي غلام بڻائڻ لاءِ انهن اتي ١٢ هزار فوج ۽ بارود جمع ڪري رکيو هيو ۽ اهو سڀ ڪجهه بيدل پنهنجن اکين آڏو ڏسي رهيو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ بيدل جي محبوب دوست ڪرمچند جو سکو ۾ انگريزن جي ڇانوڻي لڳ دڪان هو. بيدل کي مجبوراً پنهنجي دوست سان ملڻ لاءِ روزانو سکر وڃڻو پوندو هو. اهم روايت آهي تہ فقير بيدل ڌارين جي چُرپر ۽ سنڌ تي قبضي ڪرڻ جا سانپاها ڏسي ڪرمچند کي اتان دڪان بند ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ۽ وري سکر نہ ويو. اتي ئي بکر ۾ ١٨٣٩ع ۾ انگريزن ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر تي قبضي جو ڪليو اعلان ڪيو (٨٣) آخرڪار ١٨٤٣ع ۾ دُٻي واري جنگ ۾ هوشو شيدي ”مرويسون مرويسون سنڌ نہ ڏيسون“ جو تاريخي نعرو هڻندي ديس تان قربان ٿي ويو ۽ سنڌ مڪمل طور تي انگريزن جي غلام بڻجي وئي. سچل سرمست، سنڌ تي آيل انهيءَ منحوس ڏينهن کان ١٤ سال اڳ وفات ڪئي، جڏهن تہ بيدل ان وقت ٢٩ سالن جو هو ۽ سامي ٩٠ سالن جي عمر ۾ زندگيءَ جا آخري پساهہ کڻي رهيو هو.

١٨٥٣ع ۾ بيدل سنڌ کي بمبئي سان لاڳو ٿيندي ۽ ان جي صوبائي حيثيت بہ ختم ٿيندي ڏٺي. ١٨٥٧ع واري هندستان جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ بيدل جي عمر پورا ٤٣ سال هئي ۽ جڏهن تہ جي سورمي روپلي ڪولهيءَ کي انگريزن ١٨٥٩ع ۾ ڦاهيءَ تي چاڙهيو. تڏهن بيدل ٤٥ سالن جي عمر کي رسي چڪو هو.

اهو آهي سنڌ جي تاريخ جو سياسي سماجي ۽ مذهبي پسمنظر جنهن جو فقير قادربخش بيدل جي شخصيت ۽ فڪر تي سڌو سنئون

اثر ٿيو. اهڙو اثر جهڙو پنهنجي پنهنجي وقت ۾ شاهه لطيف، سامي ۽ سچل سرمست جي شخصيت تي پيو. فقير بيدل ان سموري سياسي ۽ مذهبي صورتحال کي سمجهي ۽ سنڌ اندر مذهب جي تنگ نظر روين ۽ ڪٽرپڻي ۽ ذات پات جي ويڇي ۽ ان جي پويان ڪارگر رياست جي ڌاڙ ۽ ڌهڪاءَ کي پروڙي پنهنجي فڪر جو بنياد تصوف ۽ خاص طور تي وحدت الوجود جي نظرئي تي رکيو. فقير بيدل پنهنجي ڪردار ۽ ڪلام ذريعي تصوف جي عالمي آدرشن، انسان دوستي، مذهبي رواداري، ميٺ محبت، ايڪي ۽ اتحاد جو پيغام ڏنو، تان جو هو پنهنجي وقت ۾ مذهبي ڪٽرپڻي ۽ فرقبنديءَ خلاف هڪ تحريڪ بڻجي اڀريو. نتيجي طور سنڌ جا هندو توڙي مسمان هن جا طالب ۽ همرڪاب بڻجي ويا. بيدل جو ڪلام شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ سامي جي فڪر جو تسلسل آهي. بيدل پنهنجي وقت ۾ عام ماڻهوءَ جي ڀلائيءَ بهبود لاءِ اهو ڪم سرانجام ڏنو. جيڪو شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ سرانجام ڏنو.

# 3. بيدل جي اردو ڪلام جو جائزو

# بيدل جي اردو ڪلام جو جائزو

برصغير ۾ اردو شاعريءَ جون تاريخي طور تي ٻه روايتون ملن ٿيون. هڪ هندوي روايت ۽ ٻيو فارسي روايت. اردو شاعريءَ جي هندوي روايت خواجا سعد سُليمان (م.١١٢١ع) نام ديو (م ١٣٥٠ع) بابا فريد گنج شڪر (م. ١٢٦٥ع) ۽ امير خسرو (م ١٣٢٥ع) کان شروع ٿي، جنهن کانپوءِ ڪبيرداس (م. ١٥١٨ع) تلسيداس، گرونانڪ (م.١٥٣٨ع) ميران ٻائي، ۽ ڪجهه ٻيا. ان هندوي روايت جا اهم شاعر ٿي گذريا آهن. برصغير ۾ اردو شاعري جي تاريخ جي اها هندوي روايت اردو ادب جي آڀ تي ڏهين صدي هجريءَ تائين پنهنجي عروج ۽ ڪمال سان قائم رهي، جنهن جو اهم موضوع هندو تصوف يعني "ويدانيت" ئي هيو. جيڪو برصغير ۾ ناٿ پنٿي، ڀڳتي ۽ نرگن واد جي تحريڪن جي روپ ۾ رائج هو.

سنڌ اندر انهيءَ هندوي شاعريءَ جو اثر ڪافي عرصي تائين جاري رهيو. سنڌ ۾ غلام شاهه لغاري (١٢٢٨هه) روحل فقير (م ١٨٠۴ع) مراد فقير (م. ١٧٩٦ع) شاهو فقير ، قطب شاهه (م. ١٣٢٨هه) خليفو نبي بخش (م. ١٢٨٠هه) نظر علي فقير (م. ١٢٦٥هه) قمبر علي شاهه (م.١٢٦۴هه) نانڪ يوسف (م.١٢٦٩هه) انهيءَ روايت جا اهم شاعر آهن. جن هندوي دوهن، شبدن، ڪافين، سلوڪن وغيره تي گهڻي طبع آزمائي ڪئي، جڏهن ته سنڌ جي اهم صوفي شاعرن سچل سرمست ۽ قادربخش بيدل جي ڪلام ۾ به انهيءَ هندوي روايت جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

ڏهين صدي هجريءَ کانپوءِ هندستان اندر اردو شاعريءَ جي فارسي روايت جنم ورتو. ڊاڪٽر جميل جالبيءَ موجب "جڏهن اردو شاعري" جي هندوي روايت ۾ تخليقي ذهن جي اُڃ اجهائڻ جي

صلاحيت نہ رهي ۽ ان ملن جيڪو حاصل ڪرٽو هو، ورتو ويو تہ پوءِ اردو ٻوليءَ جو تخليقي ذهن فارسي ادب ۽ ان جي روايت ڏانهن رجوع ٿيو، جنهن انکي نہ صرف نئون اسلوب ۽ صنفون عطا ڪيون، پر ان سان اردو شاعريءَ نئين احساس سان جديد راهن ڏانهن رخ رکيو (٨۴) هندستان ۾ اورنگزيب عالمگير جي دکن تي فتح کان اڳ ئي اردو شاعريءَ جي فارسي روايت پنهنجا پير ڄمائڻ شروع ڪيا هئا ۽ ولي دکني (جنهن کي ان روايت جو علمبردار چيو وڃي ٿو) جي اچڻ کان اڳ، ئي اردو شاعريءَ ۾ خواجہ ديدار فاني (م. ١٦٠٧ع) حسن شوقي (م. ١٦٣٣ع) عادل شاهہ ثاني (م. ١٦٢٧ع) ابوالحسن تانا شاهہ (م. ١٦٨٦ع) شيخ ناصر سرهندي (م. ١٦٩٧ع) ۽ ڪي ٻيا شاعر، فارسي روايت ۽ غزل جي ان صنف جو بنياد وجهي چڪا هئا، جنهن اڳتي هلي "ريختا" جو نالو ڌاريو." (٨۵)

فقير قادربخش بيدل جي اردو شاعريءَ تي نظر وجهنداسون تہ هو اسان کي اردو شاعريءَ جي انهن ٻنهي روايتن يعني هندي روايت ۽ فارسي روايت جو ٻڪو ۽ پختو شاعر نظر اچي ٿو. فقير بيدل جيئن تہ اردو شاعريءَ جي انهن ٻنهي ڌارائن جي شاعرن کي پڙهيو هو، تنهن ڪري سندس اردو شاعريءَ تي انهن ٻنهي روايتن جو اثر آهي. بيدل جي ڪجهہ هندي ڪافين، سلوڪن، دوهن ۽ هورين کي پڙهڻ سان پتو پوي ٿو تہ سن پنهنجي اردو ڪلام ۾ بابا فريد گنج شڪر، امير خسرو، گرونانڪ، ويندي روحل فقير جو اثر پڻ قبول ڪيو آهي.

بيدل جا هيٺيان شعر اردو شاعريءَ جي هندي روايت جو چٽو عڪس پيش ڪن ٿا.

جگت باغيچا رام کا سُندر اس کے پھول
پنئورا واس دے واسطے اس مين آيا بھول.

چمڙي موهه اندارين، چاندي موهه چڪور
سادهو مانگي اور ڪچهه، سنياسي ڪچهه اور

قاضي پنڊت، پڙهه چڪي انترياسي بيڪ
مرنون اڳي جو موئيا، اس مين مينُ نه ميڪُ

•

عشق ڪيا الهام سڪتر شبد سناويگا
روم روم ۾ رام گيت السـتي گاويگا

•

آج پيا هوري کيلن آيا
سهسين رنگ بيرنگ سمايا.

سهيسين روپ اروپ سماوت، وحدت ڪثرت رمز رلاوت
نوع بنوع جاني جلوه پايا.

فقير بيدل جي اردو ڪلام تي هندي روايت کان فارسي روايت جي ڇاپ گهڻي آهي. بيدل جو ڪو ٿورو ڪلام هندري ڌارا کان متاثر آهي، جڏهن ته هن جو گهڻو اردو ڪلام، اردو جي فارسي ڌارا تي رچيل آهي، شايد ان لاءِ ته بيدل جي وقت ۾ اردو شاعريءَ جي فارسي روايت ۽ ان جي معياري اظهار "ريختا" ڪافي ميجتا ماڻي ورتي هئي. اهو ئي سبب آهي جو بيدل پنهنجي هر اردو ڪافي يا غزل کي "روپ ريختا" جو نالو ڏنو آهي. انهيءَ اظهار "ريختا" جو باني ولي دکني هيو. بيدل جيئن ته پنهنجي دور جو هڪ سڄاڻ شاعر ۽ شاعريءَ جي جديد لاڙن کان باخبر هو، ۽ ساڳي وقت ياڻ عربي، فارسي ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو، انڪري هن پنهنجي اردو شاعريءَ ۾ انهيءَ فارسي ڌارا جو نه صرف اثر قبول ڪيو، پر انکي ڪاميابيءَ سان اڳتي پڻ وڌايو. بيدل لاءِ اهو چيو ويو آهي ته هن اردو شاعريءَ ۾ ولي دکنيءَ جي اسڪول جي نمائندگي

ڪئي آهي، پر حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ بيدل اردو شاعريءَ ۾ ولي دکنيءَ کان اڳ جي شاعرن جو اثر پڻ قبول ڪيو آهي. هيٺ ڏنل شعرن مان خبر پوي ٿي تہ اردو شاعريءَ ۾ فارسي روايت جو بنياد وجهندڙ شاعرن خواجہ ديدار فاني، حسن شوقي، عادل شاهہ ثاني، ابوالحسن تانا شاهہ، ۽ شيخ ناصر سرهندي جي ڪلام جو بيدل جي اردو شاعريءَ تي ٻوليءَ ۽ مضمون جي حوالي سان ڪافي اثر آهي.

جو مست هے درس کا، انکون شراب کیا هے
جس گزگ جگر هے، تسکون شراب کیا هے
(ديدار فاني)

جو غم کا بار چاتا هے، اسے فرحت سون کیا مطلب
جو اپنا سر گنواتا هے، اسے راحت سون کیا مطلب
(بيدل)

پریت کي ریت سون موهن کے هنس هنس سنو شاهہ
عجب شهرت هوئي جگ مین هماري عشق بازي کي
(عادل شاهہ ثاني)

مین هون مشهور عشق بازي مین
خاص درد و غم مجازي مین
(بيدل)

نہ کر ناصح نصیحت مجهہ بجز عاشق وفاداري
همین کچهہ اور سمجهتي هین نمازي هو کہ نیازي مین
(حسن شوقي)

عشق کا بنده هون نهین میري
کچهہ غرض نیک و نمازي مین
(بيدل)

اي ولـــي طـــرز عــــشـــق آســــان نـــهـــين
آزمـــايـــا هـــون مـــين كـــے مـــشـــكـــل هـــے
(ولي دكني)

مـــنـــزل عـــشـــق بـــس كـــے عـــالـــي هـــے
پـــهـــچـــنـــا اس جـــگـــہ مـــحـــالـــي هـــے
(بيدل)

ســـفـــر عـــشـــق كـــا اگـــر هـــے خـــيـــال
هـــمـــت دل كـــون زادراه كـــرو
(ولي دكني)

جانـــا اس ره مـــين جز بمـــنـــت پـــا
شـــيـــوه انـــد لا و بـــالـــي هـــي
(بيدل)

بيدل، ولي دكنيءَ جي شاعريءَ كان انكري بہ متاثر ٿيو آهي جو ولي دكنيءَ وٽ حسن ۽ عشق جي موضوع كانسواءِ تصوف جو موضوع بہ موجود آهي، پر اها ڳالهہ ميڄي پوندي تہ بيدل، تصوف توڙي حسن عشق جيموضوع ۾ ولي دكني تہ ڇا اردوءَ جي كيترن ئي شاعرن كان اڳتي نكري ويو آهي.

شـــغـــل بـــهـــتـــر هـــے عـــشـــق بـــازي كـــا
كـــيـــا حـــقـــيـــقـــي و كـــيـــا مـــجـــازي كـــا
(ولي دكني)

مـــين هـــون مـــشـــهـــور عـــشـــق بـــازي مـــين
خاصـــــہ درد و غـــم مـــــجـــازي مـــــين
(بيدل)

نہ ڈھونڈ شہر پر فرھاد و مجنون کا ٹھکانہ تم
کہ ھے عشق کا مسکن کبھو صحرا کبھو پربت
(ولي دکني)

عشق کي آتش مين جلہ جانہ ھے پروانے کا کام
بُلبلان کو باغ کا رستہ بتانا چاھيئے
(بيدل)

تو ھے رشک ماہِ کنعاني ھنوز
تجھہ کو ھے خودبات مين سلطاني ھنوز.
(ولي دکني)

مرتا ھون تيري عشق کا آغاز ھے ھنوز
خونين کفن يہ ناوک انداز ھے ھنوز
(بيدل)

بيدل جي اردو ڪلام تي ولي دکنيءَ کانسواءِ ان جي سلسلي جي ٻين ھم شاعرن سراج اورنگ آبادي، دائود اورنگ آبادي، مبارڪ آرزو، انندرام مخلص، اشرف علي فغان، محمد رضي رضي، صدرالدين فائز ۽ مير تقي مير، جي شاعريءَ جو پڻ اثر آھي جيڪو ھنن شعرن مان پسي سگھجي ٿو.

برچھي کي طرح توڑ جگر پار ھوگئي
تيري نگہ نے جب کہ کيا آبرو پہ وار
(مبارڪ آبرو)

اس ترک کہ جب سون کھينچا انکي کمان کا زرہ
پلکون کا تير چھاتي سے ميرے نکل گيا
(بيدل)

خراب نرگس مستانہ ہون نین کي قسم
برنگ بلبل ديوانہ هون چمن کي قسم
(محمد رضي)

تيرے حسن کا ديوانہ هون، مجهوکو خدا کي هے قسم
تيري شمع کا پروانہ هون، مجهکو خدا کي هے قسم
(بيدل)

مکهہ دکها چهب بنا لباس سنوار
عاشقون کو غلام کرتے هين
(صدرالدين فائز)

برق رخسار کے تماشے مين
ديده ابر بهار رکهتے هين
(بيدل)

هے آرزو گر يے مجهے چشم تر هنوز
نکلا نهين هے، قطره خون جگر هنوز
(اشرف فغان)

محفل مين کنت کنز کي ساقي تها عشق دوست
عاشق کا روح مست مئي راز هے هنوز
(بيدل)

کيا حقيقت کهون کہ کيا هے عشق
حق شناسون کا هان خدا هے عشق.
(مير تقي مير)

دو جگ کا بادشاه هے مست شراب عشق،
عالي هے هر جناب سے لاشک جناب عشق.
(بيدل)

صبا یون عرض ان لاڈلي زلفون کي خدمت مين،
بهلا هے یا بُرا هے دل دیوانہ پهر تمهارا هے.
(آنند رام)

صبا محبوب کے کوچے مين گر جانا تمهارا هو،
طرف ميري سے تعظیم و دعا باصد ادب کهنا.
(بيدل)

عجب طرح کا بدن مين لباس رکهتے هين،
کہ جس لباس مين پهولون کي باس رکهتے هين.
(سراج اورنگ آبادي)

رات تجهہ بن پکار رکهتے هين،
دن سبهو انتظار رکهتے هين.
(بيدل)

هاڻي اچئون ٿا، سنڌ جي انهن اردو شاعرن تي، جن ڪان بيدل وڌيڪ اثر ورتو. سنڌ ۾ اردو شاعريءَ جي روايت ڪافي پراڻي رهي آهي. مان اڳ بہ ٻڌائي چڪو آهيان، تہ اردو شاعريءَ جي دکني روايت پنهنجي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان سڄي برصغير لاءِ قابل قبول بڻجي ويئي هئي، ۽ بيدل جي دور اچڻ تائين سنڌ جي اردو شاعرن ۾ عبدالحڪيم عطا، محمود صابر، شيخ ورو، مير حيدر ڪامل، مير حفيظ الدين حفيظ، سرفراز عباسي، ثابت علي شاهہ، خليفو گل محمد ۽ ڪي ٻيا پنهنجو وارو وڄائي چُڪا هئا. پر بيدل کان اڳ سنڌ جي جنهن شاعر وٽ اردو شاعريءَ جي اها روايت وڌيڪ نکري، اهو آهي سچل سرمست. محترم نسيم امروهوي لکيو آهي تہ: "سچل سرمست سڀ کان پهريان سنڌ ۾ اردو شاعريءَ جي عمارت جي پهرين سِرَ رکي." (٨٨) ڊاڪٽر جميل جالبي لکي ٿو تہ: "سچل جي اردو ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو تہ شمالي هند وانگي هيئر سنڌ ۾ بہ اردو زبان ۽ بيان

نکري پيو آهي، ۽ هتي بہ اتان جهڙو معيار قائم ٿي ويو آهي.” (٨٩) ذکر ڪيل شاعرن جي مقابلي ۾ بيدل جنهن اهم شاعر کان گهڻو متاثر ٿيو آهي، سو آهي سچل سرمست. بيدل، اسلوب جي لحاظ کان تہ پنهنجي اردو شاعريءَ جو بنياد ولي دکني جي طرز تي رکيو، پر موضوع جي لحاظ کان هن ڪنهن بہ اردو شاعر جو ايڏو اثر نہ ورتو، سواءِ سچل سرمست جي. عطا محمد حامي، هڪ هند لکيو آهي تہ ”سچل کان اڳ سنڌ جي اردو شاعرن، دکن جي اردو شاعرن وانگر اردو زبان کي مذهبي ۽ عاشقاڻہ مضمونن سان مالا مال ڪيو آهي، پر ان ۾ تصوف جو رنگ ڀرڻ وارو سچل سائين آهي.” (٩٠) بيدل جيئن تہ فڪري حوالي سان وحدت الوجودي صوفي هيو ۽ ان فڪر جي ڪائنس ٿورو اڳ گذريل صوفي سرواڻ سچل سرمست جو پوئلڳ ۽ ان جي ئي سلسلي جو شاعر هو، تنهن ڪري هن جي ڪلام ۾ بہ سچل وارا اناالحق، من خدايم ۽ همہ اوست جا نعرا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. اهڙي ريت بيدل جي سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ڪلام سان گڏوگڏ اردو شاعريءَ تي بہ سچل سرمست جو رنگ غالب آهي. بيدل پنهنجي اردو شاعريءَ ۾ سچل وارو فڪر ئي اجاگر ڪيو اهي، ساڳئي وقت هن جي شاعريءَ ۾ عاشقاڻو ۽ مجازي موضوع بہ سچل جيان ئي ڀرپور انداز ۾ ملي ٿو.

آيا وه يار آيا کهتا هون بسم الله،
رخ دوست نے دکهايا کهتا هون بسم الله.
(سچل)

آنگن ميرے آيا دلدار بسم الله بسم الله
کيا مين سر صدق يکبار نذرالله نذرالله
(بيدل)

دلبر کي درپہ مين تو ديوانہ هو رها هون
يارو مين دوجهان سے بيگانہ هو رها هون

یہ عقل فہم اس کي ديد نے اُڑايا
زلفون کے پيچ و خم مين مستانہ ھو رھا ھون
(سچل)

ساقي مجھے ساغر ديا مستانہ ھون مستانہ ھون
اس عقل اس ادراک سے بيگانہ ھون بيگانہ ھون

جب نرگس مخمور جادو کا دم افسوس کيا
ديوانگي سون تب سيتي افسانہ ھون افسانہ ھون
(بيدل)

ھو الاول ھوالآخر ھو الظاھر ھوالباطن
يھان وھي وھان وھي سچل کہہ تم کُجا ھوگا
(سچل)

جوئي اول سوئي آخر جوئي ظاھر سوئي باطن
خودي کے ترک مين جلدي سي مخفي سب عيان ھوگا
(بيدل)

بنا کر آدمي صورت سارا مظھر خدا ھوگا
کبھي کرار حيدر ھے کبھي شاہ مصطفيٰ ھوگا
(سچل)

عشق ھروقت رخ نما ھوتا
کب خدا کب و مصطفيٰ ھرتا
(بيدل)

آئو وے يارو آؤ ديکھو تماشا يار کا
اس وقت مين ظاھر ھوا، درشن ميرے دلدار کا
(سچل)

آج گلشن مين چلو دکھين کے چرچا اور هے
باغ مين گلرخ کے آنے سے تماشا اور هي
(بيدل)

انهن شعرن مان اهو پتو پوي ٿو تہ بيدل فکر ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان سچل وارو ئي پيچرو ورتو آهي ۽ ان کا گهڻو متاثر ٿيو آهي. پر ساڳي وقت اها بہ خبر پوي ٿي تہ بيدل تصوف جي موضوع کي بحيثيت اردو شاعر جي عروج تي پهچائي ڇڏيو آهي. بيدل جي اردو شاعري غور سان پڙهبي تہ معلوم ٿيندو تہ هو ڪٿي ڪٿي سچل کان بہ وڌيڪ نرالو ۽ سلوڻو شاعر نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سچل جي دور ۾ اردو ٻولي سنڌ ۾ اڃا پنهنجي ابتدائي مرحلن مان گذري رهي هئي، جڏهن تہ بيدل جي دور تائين اردو ٻولي ڪافي سڌري، سنورجي ۽ موزون بڻجي چڪي هئي. تنهن ڪانسواءِ اردو غزل جي اها معياري صورت جيڪا بيدل وٽ ظاهر ٿي سا سچل وٽ اڃا وجود ۾ ڪانہ آئي هئي. بيدل وٽ بنيادي فڪر تہ سچل وارو ئي آهي، پر هو ٻوليءَ ۽ اظهار، خاص طور تي اردو غزل ۾ سچل کان بہ گهڻو معياري شاعر نظر اچي ٿو. يا ائين ڪٿي چئجي تہ بيدل جي اردو شاعريءَ ۾ سچل وارو ئي فڪر نئين رنگ ۽ ڍنگ سان نروار ٿيو آهي. بيدل وٽ اردو غزل جا مختلف بحر وزن ۽ روپ ملن ٿا. هتي بيدل جا اهي اردو شعر ڏجن ٿا، جن ۾ ٻوليءَ ۽ اسلوب جو خوبصورت معيار قائم آهي. بيدل جا اهي شعر توڙي جو ١٢٥ سال اڳ جا چيل آهن، پوءِ بہ انهن جو معيار اڄ جي جديد اردو غزلن جهڙو لڳي رهيو آهي.

سهل هے نام آشنائي کا
کون جانے غم جدائي کا

کون استاد تجھ کو سکھلایا
حرف شوخي و دلربائي کا

•

خوبرویان سے خدا مجھکو دکھائي دیتا
چھره صاف میري دل کو صفائي دیتا

•

تیرے عاشق بھت ھین لیک صنم
مین ھون بي مثل پاکبازي مین

•

گذري بیدل کي عمر شمع صفت
گریئہ سوزوجان گذاري مین

•

تشبیھ دور جام ھے تمثیل پُرخمار
تصویر اس کي دیکھ کے پئمانہ ھون پئمانہ ھون

•

گر تیري خورشید تابان کا کرے دیدار صبح
چاند کي مانند تجھ سے مانگ لے انوار صبح

•

درشن تیرے جمال کا منگتا ھون اور بس
ملنے تیرے کي خواھش رکھتا ھون اور بس

بیدل نہ ھو تو درد کي دریاء مین اتنا غرق
مین بھي تیرے خیال مین رھتا ھون اور بس

•

محفل بخت مین ممتاز ھین ارباب علوم
محکمہ عشق مین منظور ھے منصور کي بات.

هاڻي اچون ٿا بيدل جي همعصر اردو شاعرن تي. بيدل وٽ اردو شاعري انهيءَ وقت پهتي، جڏهن هن کان اڳ برصغير ۾ اردو جا اهم ۽ استاد شاعر ولي دکني، سراج، حاتم، آبرو، مير درد، آتش، مصحفي، انشا ۽ ڪي ٻيا پنهنجو وارو وڄائي چڪا هئا، جڏهن ته ذوق، ظفر، غالب، مومن، داغ ۽ حالي هندستان جا اهي شاعر آهن، جيڪي بيدل جا همعصر هئا. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته مٿي ذڪر ڪيل بيدل جي همعصر اردو شاعرن کي اردو ادب جي تاريخ ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. اهي شاعر اردو جا استاد شاعر ڳڻيا وڃن ٿا. جن مان وري اسد الله غالب بلڪل نرالو ۽ منفرد حيثيت جو مالڪ آهي، پر انهن جي ئي ڏينهن ۾ اتر سنڌ جي هڪ سنڌي شاعر بيدل جي اردو شاعري به پنهنجي اهميت کان خالي نه آهي. هاڻي اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ چند ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ ضروري آهن. اهو ميٺو پوي ٿو ته بيدل جي مقابلي ۾ غالب، ذوق، ظفر ۽ مومن جي اردو شاعري ٻوليءَ ۽ اظهار جي شاعراڻين خوبين، نواڻ، اردو زبان جي وسعت، فصاحت ۽ بلاغت ۾ ڪافي معياري آهي، ڇاڪاڻ ته انهن سمورن شاعرن دهلي ۽ لکنئو جي سرزمين تي ويهي شعر رچيا آهن، جتي سنڌ جي مقابلي ۾ انوقت اردو ادب ۽ ٻولي پنهنجون ارتقائي منزل طئي ڪري ڪافي معياري بڻجي چڪي هئي ۽ سڌري ۽ سنورجي چڪي هئي، انهن جي سرزمين تي اردو شاعريءَ جون شاعراڻيون خوبيون، استعارا، تمثيلون، تشبيهون، نيون نيون متعارف ٿي رهيون هيون. اردو جي اهڙي ارتقائي صورت کي سنڌ اندر پهچندي اڃان ڪافي وقت لڳو. ان ڪانسواءِ انهن شاعرن جي مادري زبان به گهڻي قدر اردو ئي هئي. ٻي پاسي سنڌ جي مقابلي ۾ اردو غزل، دهلي، دکن، ۽ لکنئو ۾ ڪافي سڌري چڪو هو، جنهن جي جديد ۽ سڌريل صورت اڃان سنڌ اندر ڪانه پهتي هئي. اُتي اردو شاعريءَ ۾ ڪافي نوان نوان تجربا به ٿي رهيا هئا، ڇو ته اتي مشاعرن ۽ شعر و سخن جي محفلن جو رواج عام هو، جن کي سرڪاري ۽

درٻاري سرپرستي پڻ حاصل هئي. جڏهن تہ سنڌ اندر اهو سمورو دور افراتفري جو دور هو ۽ دهلي ۽ لکنئو جهڙو سنڌ ۾ ادبي ماحول ميسر نہ هو. شخصي لحاظ کان بہ فقير بيدل جي مقابلي ۾ غالب، ذوق، ظفر، "داغ" ۽ "مومن" جي زندگي گهڻي قدر عيش آرام سان گذري. داغ دهلويءَ جو پيءُ هڪ رئيس ماڻهو هو، جنهن جي مرڻ کانپوءِ داغ جي ماءُ هندستان جي بادشاهہ بهادر شاهہ ظفر جي ولي عهد مرزا فخر و سان وابستہ ٿي وئي ۽ داغ جي زندگي شاهي محلن ۽ قلعہ معليٰ ۾ گذري (٨٧) اتي هن جي ادبي ۽ علمي تربيت ٿي ۽ هن استاد شاعرن کان اصلاح پڻ ورتي. لال قلعي ۾ رهڻ ڪري داغ کي حسن و عشق جي ڳالهين سان واسطو پيو ۽ سرڪاري مشاعرن جو انتظام بہ هن جي حوالي هو. اتي دهلي ۽ لکنئو جا استاد شاعر جمع ٿيندا هئا. داغ، ذوق، کان پورا ١٢ سال اصلاح پڻ ورتي (٨٨) بهادر شاهہ ظفر، هندستان جو موروثي بادشاهہ هيو، هن جي زندگي بہ عيش آرام سان گذري، البتہ زندگيءَ جا پڇاڙڪا ڏينهن هن قيد ۽ مصائب ۾ گذاريا. ظفر بہ وقت جي استاد شاعرن کان اصلاح ورتي. غالب، شاهي درٻارين جي اهم منصبدار جي گهر ۾ ڄايو. هن جي زندگيءَ جا ڪجهہ سال تہ برابر مشڪلاتن ۽ تڪليفن ۾ گذاريا، پر مجموعي طور تي غالب بہ پنهنجي حياتي سڪون ۽ آسائش ۾ گذاري. غالب کي پيءُ جي مرڻ کانپوءِ سندس چاچي نصرالله پاليو، جيڪو پاڻ وڏو جاگيردار هو ۽ فوج جي برگيڊيئر جي عهدي تي فائز هو (٨٩) تنهن ڪري غالب جي شروعاتي زندگي محل سرا ۾ گذري. خاص ڳالهہ تہ هو سڄي زندگي بادشاهن جي درٻار سان منسلڪ رهيو ۽ انهن جي وظيفن ۽ پينشن تي پلندو رهيو. ايستائين جو هن بادشاهن جي خوشامد ۽ پنهنجي وظيفي لاءِ شعر پڻ رچيا.

ميري تنخواه ڪيجئہ ماهہ بماه
تا نہ هو مجهڪو زندگي دشوار
(غالب)

